# A COMPREHENSIVE FAMILY HEALTH MAGAZINE

ABC Certified

ويڄ جي 20 هين
سال ڏانهن وک

MONTHLY WAIJ KARACHI

وِهن ويڄن وَٽ، جي سِڪين ته سَگهو ٿيين (شاهه)

ماهوار
# ويڄ
ڪراچي

سنڌي ۾ صحت بابت پهريون رسالو

Regd. SC No. 1307

May, 2010

Rs 25.00



19 years of success

ڳاٽي (ڪنڌ) جو
سور ۽ علاج

سگريٽ ۽ صحت

مائرن جو عالمي ڏينهن





# خبردار
# هوشيار!
# بچو يار



## گيهه/ تيل، پي سٽيپ، کنډ، ٿوڙي فاسٽ فوڊ، ترپل کاڌن ۽ مٺن شربتن جو جهجهو استعمال وزن وڌائي خطرناڪ مرض، جهڙوڪ ذيابيطس هاءِ بلڊپريشر توڙي دل جي بيمارين جو سبب بڻجي سگهن ٿا.

پنهنجي وزن کي ضابطي ۾ رکڻ لاءِ هلڪا ۽ متناسب کاڌا استعمال ڪريو

## ويج هيلٿ پروموٽرز فورم

LETTERS TO THE EDTIOR

پڙهندڙن جا خط

# پنهنجي پاران

"ويڄ" جي ساٿين قلمي سهڪار ڪندڙن ۽ مهربان پڙهندڙن کي گذارش ڪجي ٿي تہ "ويڄ" کي اوهان جي تعمير ۽ صحتمند تنقيد جي ضرورت آهي. "ويڄ" ۾ بجاءِ تعريفي خط شايع ڪرڻ جي اسان کي خوشي ٿيندي جيڪڏهن "ويڄ" جا پڙهندڙ مواد جي مناسب واڪاڻ ڪرڻ سان گڏ اسان جي خامين ۽ ڪوتاهين ۽ پنهنجي مثبت تجويزن کان بہ اسان کي آگاہ ڪندا رهن. "ويڄ اوهان ۽ اسان سڀني جو رسالو آهي، ان جو مکيہ مقصد صحت جي واڌاري ۽ سڌاري بابت ڄاڻ ڏيڻ آهي. اميد تہ ان ڏس ۾ اوهان جو تعاون جاري رهندو.

## ايڊز تي مضمون آڻيو

ويڄ هميشہ بيمارين کان بچاءُ ۽ احتياطي اپائن بابت مضون شايع ڪندي رهي آهي، ڪيترن ئي وڏين بيمارين تي خاص نمبر بہ شايع ڪيا ويا آهن. تازو ئي ايڊز جي بيماري سڄي دنيا ۾ ڪيترائي ماڻهو ڳڙڪي ويئي آهي، هاڻ پاڪستان بہ اچي پهتي آهي ۽ اسانجي پاڙيسري ملڪ جيڪو ان مرض ۾ اڳ ئي مبتلا هئو تنهن ۾ بہ ڪيترائي موت واقع ٿيا آهن. هينئر ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ ان بابت ٿوري گهڻي نہ پر چڱي خاصي ڄاڻ مهيا ڪجي، ڇو تہ شهري علائقن لاءِ تہ پوسٽر ۽ پمفليٽ بہ شايع ٿيندا آهن ۽ خاص مهمون بہ هلايون وينديون آهن پر اڪثر ٻهراڙي وارن علائقن کي وساريون ويندو آهي جنهن ۾ اسان انهن ابوجهہ ماڻهن کي جيڪي اهڙين سهولتن کان وانجهيل آهن، تن ۾ اوهان جي مئگزين واري معلومات فراهم ڪرڻ پنهنجو فرض سمجهندا آهيون. اوهان جيڪا بہ معلومات شايع ڪندا آهيون اسان پنهنجي وس آهر ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پکيڙڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون تہ عوام کي وڌ ۾ وڌ فائدو پهچي ۽ انسانيت جي خدمت ٿئي. اميد تہ سوائن فلو تي بہ اهڙو ئي ڪو ڪارائتو مضمون آڻيو جنهن ۾ ٻهراڙين وارن کي ڪو لاڀ پهچي.

جان محمد لغاري- ميرپورخاص

*جواب: ادا ڏاڍي خوشي ٿي تہ اسانجي مئگزين جي مدد سان اوهان ابوجهہ ماڻهن جي خدمت ۾ رڌل آهيو. اوهان جس لهو. اسانجي بہ ڪوشش رهندي تہ اوهانکي هن موتمار بيماري متعلق جيتري معلومات گڏ ٿئي اوهان تائين پهچايون. (ادارو).*

## ڏاڍي دير ڪئي يار ايندي ايندي

ادا ڀاءُ ويڄ جي ٿوري گهڻي دير سوير جي اسانکي ڄاڻ آهي تہ هن مهانگائي واري دور ۾ هي ناميارو رسالو بند ڪرڻ بدران پنهنجي همت سان هلائيندا پيا اچو جڏهن تہ ڪيترائي رسالا مارڪيٽ ۾ آيا بہ ۽ بند بہ ٿي ويا آهن، پر اوهان دير سوير هلائيندا پيا اچو. پر جڏهن گهڻي دير ٿي ويئي تہ فڪر ڪائيندي ويئي تہ ڇا وري پنهنجي دوست توڙي همدرد رسالي کي ٻيهر ڏسي سگهنداسين يا نہ. ٻين ٻولين ۾ تہ ڪوڙ سارا صحت بابت رسالا نڪرن ٿا پر صحت بابت اسان فقط هڪ ئي مئگزين ڏٺو آهي جنهن جو نالو آهي ويڄ. خدا شال هميشہ ان کي جاري ۽ ساري رکي.

دعاگو: جعفر احمد- خيرپور ناٿن شاهہ

*جواب: اوهانجي ڳڻتي ساراهڻ جوڳي آهي. (ادارو).*

## خاص نمبر پلي شايع ڪيو پر نئين معلومات ڏيڻ بند نہ ڪيو

سائين مون ڏٺو آهي تہ جڏهن تہ ڪو خاص نمبر شايع ڪيو ويندو آهي تہ هلندڙ سلسلن کي معطل ڪيو ويندو آهي، ائين الائجي ڇو ٿيندو آهي خاص نمبرن سان گڏ گهٽ ۾ گهٽ هلندڙ سلسلا بند نہ ڪريو مثال طور صحت سڌ سماءُ جيڪو نت نئين معلومات فراهم ڪري پيو سو هن شماري ۾ نظر ڪونہ آيو. ائين ڪرڻ سان سنڌي ماڻهو نئين ڪوڄنا کان رُڪجي وڃي ٿو. ڪجهہ خيال رکو.

محمد انور- ٽنڊوالهيار

*جواب: هر ڀيري ائين نہ ٿيندو انشاءَ الله (ادارو).*

# ويج هيلٿ پروموٽرز فورم

ماهوار ويج جتي پڙهيل لکيل ماڻهن کي صحت جي ڄاڻ لاءِ ڪوشان آهي. اتي هن ديس جي اڻ پڙهه ۽ ابوجهه ماڻهن کي صحت جي بنيادي سکيا ڏيڻ ۽ بيمارين کان بچاءَ جي واٽ ڏيکارڻ جو عزم ڪري ٿو.

ان سلسلي ۾ هيٺ ڄاڻايل متن ۽ مقصدن سان "ويج هيلٿ پروموٽرز فورم" جو وجود رد عمل ۾ آندو ويو.

1- ڪوبہ اهڙو فرد (عورت يا مرد) جيڪو ماهوار ويج جون لکيتون پڙهي ۽ سمجهي سگهي ٿو سو هن فورم جو ميمبر ٿي سگهي ٿو.

2- اهڙو فرد جيڪو ويج هيلٿ پروموٽرز فورم جو ميمبر ٿيندو اهو عام ماڻهو جيڪي ويج کان مانوس نہ آهن يا وري لکي پڙهي ڪونہ ٿا ڄاڻن. تن کي ويج مان حاصل ڪيل صحت جي ڄاڻ جو پيغام پهچائڻ لاءِ پاڻ پتوڙيندو.

3- ويج هيلٿ پروموٽرز فورم ۾ ڪي بہ ڊاڪٽر نرس/ڊسپينسر/ شاگرد يا عام ماڻهو چاهي اهو مرد هجي يا عورت. بنا ڪنهن امتيازي مت پيد جي ميمبر ٿي سگهي ٿو. اهڙن ميمبرن کي هيٺ ڏنل حلف نامو ۽ ميمبري فارم پري اداري کي موڪلڻو پوندو. سندس ميمبرشپ کي يقيني بنائڻ لاءِ ماهوار ويج جي ايندڙ شماري ۾ سندس نالي جو اعلان ڪيو ويندو.

4- ويج هيلٿ پروموٽرز فورم جي ميمبرن کي ماهوار ويج ذريعي متحد رکيو ويندو ۽ سندن صحت بابت ڄاڻ کي وڌايو/تازو ڪيو ويندو.

هن مقصد سان متفق ساٿين کي گذارش آهي تہ هيٺيون پارم پري اداري کي هيٺين ائڊريس تي موڪلين.

## ويج هيلٿ پروموٽرز فورم

معرفت ماهوار ويج، ڪمرو نمبر 53، پهرين ماڙ بلاڪ-اي، معين اسٽيل مارڪيٽ باباءِ اردو روڊ، جي پي او باڪس نمبر 491، ڪراچي.

- - - - - - - - - - - - - - - - - - - - - - - - - - - - - - - - - - - - - -

## ويج هيلٿ پروموٽرز فورم

### حلف نامي تي عزم

آئون ______________ پٽ/ڌيءُ/زال ______________

پنهنجي رضا خوشي ۽ هوش حواس سان ويج هيلٿ پروموٽرز فورم جو/جي ميمبر ٿيان ٿو/ٿي. آئون ان ڳالهہ جو اقرار ٿو/ٿي ڪريان تہ بنا ڪنهن غرض، لالچ ۽ وڏائي/نندائي جي پنهنجي ڄاڻ ۽ وس آهر عام ماڻهن تائين صحت جي پيغام کي عام ڪرڻ لاءِ پاڻ پتوڙيندس/پتڙيندس.

ميمبر جي صحيح ______________

### ذاتي تفصيل

نالو ______________ پيءُ/مڙس جو نالو ______________

ذات ______________ ڌنڌو ______________

تعليم ______________

ٻيون مصروفيتون ______________

ائڊريس ______________

______________

______________ ميمبر جي صحيح ______________

نوٽ: هر فارم جي فوٽو اسٽيٽ ڪاپي بہ استعمال ڪري سگهجي ٿي.




شوں کو سلام!

NBP اپنے تمام محنت کش ملازمین کو خراج تحسین پیش کرتا ہے اور تنخواہوں اور دیگر مراعات میں اضافے کا حالیہ اعلان اس بات کا عملی ثبوت ہے کہ ہم اپنے مخلص ملازمین کی ترقی اور کامیابی پر یقین رکھتے ہیں۔ ہمیں محنتی اور جفاکش عورتوں اور مردوں پر مشتمل اپنی افرادی قوت پر مکمل اعتماد ہے اور ہمیں یقین ہے کہ ہم متحد ہو کر پاکستان کو دنیا کا عظیم ترین ملک بنائینگے۔

مثالی بصیرت - عالمگیر اعتماد -

www.nbp.com.pk

NBP

نیشنل بینک آف پاکستان

PID(K) 3006

# صحت جا عالمي ڏينهن

هن مهيني صحت جي عالمي ڏينهن جو ميلو متو رهيو، خاص ڪري مائرن جو عالمي ڏينهن، هيپاٽائٽس جو عالمي ڏينهن، تيليسميا جو عالمي ڏينهن، سگريٽ ڇڏڻ جو عالمي ڏينهن، هاءِ بلڊپريشر کان بچاءَ جو عالمي ڏينهن وغيره وغيره. اگر غور ڪجي ته اسان وٽ اهي عالمي ڏينهن اخبارن ۾ اشتهار ڏيئي، بينر لڳائي، واڪ ڪري صرف ڏيکاءَ لاءِ ملهايا پيا وڃن.

سڀ کان پهرئين مائرن جي عالمي ڏينهن تي اچون ته هر عورت ان ڏينهن کان ماءُ جو درجو حاصل ڪري ٿي جنهن ڏينهن سندس ٻيپرڻ ۾ ٻچ سنجري ٿو. اصولي طور تي ٿيڻ ائين کپي ته هر عورت خاص ڪري نئين مان ٿيندڙ ماءُ کي هن ڏينهن تي سهولتون ميسر ڪرڻ ۽ صحت جي تعليم ڏيڻ گهرجي پر اسان وٽ صرف نوجوان توڙي وچولي عمر جا ماڻهو پنهنجي ماءُ سان پيار جو اظهار ڪري هي ڏينهن ملهائيندا آهن. اگر ڏٺو وڃي ته اسان وٽ مائرون گهٽي ياڳي ماءُ ٿيڻ کان اڳ ۾ ئي ويم جي صحيح سهولتن نه هئڻ ڪري پنهنجا ٻار وڃائي ويهن ٿيون ته ڪيترين ٻُک جو شڪار ٿي پنهنجي جان جوکي ۾ وجهن ٿيون، اهڙي ڏينهن تي انهن مائرن لاءِ ڪنهن به غور نه ڪيو هن ترقي يافته دور ۾ به اسانجون مائرون رڪشائن، فٽپاٿن ۽ گهرن ۾ ٻار ڄڻين ٿيون ۽ سندن ڪا پرگهور ڪونه ٿي لڌي وڃي، ملڪ ۾ هر سال هزارين ليڊي ڊاڪٽر پڙهي نڪرن ٿيون پر اڄ ڏينهن تائين ڪيترا شهر، ڳوٺ ماءُ ۽ ٻار جي صحت کان وانجهيل آهن.

وري اچو هيپاٽائيٽس جي عالمي ڏينهن تي ته ان ڏينهن تي به ساڳيو طريقو اختيار ڪيو ويو ، هئڻ ائين کپندو هو ته ان ڏينهن تي پبلڪ ۽ خاص طور تي اسپتالن ۾ داخل مريضن، جيلن جي قيدين، اسڪول جي ٻارن ۽ هر ڪميونٽي ۾ فردن جي خون جي ڇنڊڇاڻ (Screening) ڪري هيپاٽائيٽس جا مريض ڳولهي انهن کي اِها سڌ ڏني وڃي ته هو ان کي وڌيڪ ڦهلائڻ کان روڪڻ لاءِ کهڙيون تدبيرون اختيار ڪن، ڇو ته لکين ماڻهو اهڙا به آهن جن کي تيستائين تائين بيمارين جي خبر ڪانه ٿي پوي جيسين مرض شدت اختيار ڪري کين اسپتالن ۾ داخل ٿيڻ لاءِ مجبور نٿو ڪري.

وري اچجي سگريٽ روڪ ڏينهن تي ته به ساڳيا حال، سالن جا سال گذري ويا رڳو سگريٽ جي پاڪيٽن تي اهو لکيو ٿو وڃي ته سگريٽ مضر صحت آهي جڏهن ته پبلڪ جي عام ميڙاڪن ۾ توڙي سرڪاري آفيسن ۾ سگريٽن جو واهپو هر ماڻهو چڱي ريت ڄاڻي ٿو پوءِ اهڙي نقصانڪار شئي تي بندش ڇو نٿي وڌي وڃي.

# ويج جو 20 هين ڏاڪي تي چڙهڻ

ويج هن مهيني خير سان 19 سال پورا ڪري 20هين ڏاڪي تي وک رکي آهي ۽ اهڙي ريت پنهنجي Teenage خير خوبي سان گذاري ذهني طور تي مضبوط ٿي چڪو آهي. اسان پنهنجي پڙهندڙن جا ٿورائتا آهيون جن هر حال ۾ اسان کي صحيح موٽ ڏني ۽ اميد آهي ته اڳتي به پنهنجو سهڪار جاري رکندا.

(ادارو)

# يادر رکڻ واريون ڳالهيون

1. سوپاري، گٽکي، پان جو استعمال وات ۽ ڳلي جي ڪينسر توڙي مادي جي السر جو مکيه ڪارڻ آهن.
2. سگريٽ ۽ هر قسم جي تماڪ نوشي کان پرهيز ڪريو. سگريٽ جتي پيئڻ واري جي صحت لاءِ نقصانڪار آهي ان کان وڌيڪ سگريٽ استعمال ڪرڻ وات مان نڪتل دونهون ٻين لاءِ وڌيڪ خطرناڪ ثابت ٿي سگهي ٿو.
3. سگريٽ ڦڦڙن جي ڪينسر جو مکيه سبب آهي.
4. ڪچي ۽ گدلي پاڻي پيئڻ کان پاسو ڪريو. پاڻي هميشه ڇاڻي، ٺهڪائي، پيئڻ سان پيٽ جي ڪيترن ئي بيمارين ڇوٽڪارو ملندو.
5. ياد رکو! وهندڙ پاڻي پاڪ ضرور آهي پر اسان وٽ ماحول جي گدلاڻ جهڙوڪ جانورن جو پاڻي ۾ ويهڻ، شهر جي گٽرن جي پاڻي جو واهن ۾ نيڪال توڙي ڪارخانن جي گري پاڻي جو ان ۾ ڇوڙ، پاڻي کي زهريلو بڻائي ٿو تنهنڪري وهندڙ پاڻيءَ کي به هميشه ڇاڻي ۽ اُوباري استعمال ڪريو.
6. غير ضروري دوائون جو استعمال به صحت لاءِ هاڃيڪار ثابت ٿي سگهي ٿو. خاص ڪري سُور توڙيندڙ دوائن جي استعمال بدران ڪجهه وقت آرام ڪريو.

## ويچ هيلٿ پروموٽرز فورم

توهانکي ڪيترين اهڙين ڳالهين جي ڄاڻ پوندي جن رستي مسئلا پيدا ٿي نہ سگهندا ۽ صحتمند ٻار ڄمندو.

جيڪڏهن توهان دائي آهيو تہ توهان ٿيندڙ ماءُ (۽ پيدا ٿيندڙ ٻار) جي سندس ويم ڪرڻ کان اڳ ۾ تپاسو ڪري يا وٽس وڃي وڏي خدمت ڪري سگهو ٿا. بهتر سمجهيو وڃي ٿو تہ حمل جي پهرئين 6 مهينن دوران هر ماهہ، حمل جي 7 ۽ 8 مهيني ۾ ٻہ ٻہ دفعا ۽ حمل جي آخري مهيني دوران هر هفتي وڃي ڪانئس حال احوال وٺجي.

هتي ڪن اهڙين ضروري ڳالهين جو ذڪر ڪجي ٿو جيڪي حمل دوران ڪرڻ گهرجن:

.1خيالن جي ڏي وٺ

ماءُ کان سندس مسئلن ۽ ضرورتن بابت پڇا ڳاڇا ڪجي. ڪانئس پڇجي تہ اڳ ۾ ڪيترا پيرا حمل ٿيو آهي، آخري ٻار ڪڏهن ڄائو آهي ۽ ڪيس حمل يا ويم دوران ڪو مسئلو/ مسئلا پيدا تہ نہ ٿيا هيا. ڪيس ٻڌائجي تہ هوءَ پاڻ ڪي ۽ پنهنجي ٻار کي ڪيئن صحتمند رکي سگهي ٿي، جنهن ۾ هيٺيون ڳالهيون اچي وڃن ٿيون:

صحيح کاڌو کائڻ.

ڪيس همٿائجي تہ هوءَ اهڙا طاقتور کاڌا جام کائي جن ۾ پروٽين، وٽامن، فولاد ۽ ڪئلشم گهڻو ٿئي ٿو.

## سٺي صحت ۽ صفائي رکڻ

دوائن جي گهٽ ۾ گهٽ يا بنهہ نہ استعمال ڪرڻ جا فائدا

سگريٽ نہ ڇڪڻ.

شراب نہ پيئڻ ۽ نشيدار شين نہ استعمال ڪرڻ جا فائدا

## ورزش ۽ آرام ڪرڻ

نئين چاول

ٻار کي ٽيٽنس جي بيماريءَ کان بچاءَ جي وئڪسين ڪرائڻ. (پهريون دفعو 6، 7 ۽ 8 مهيني ڏجي) جيڪڏهن اڳ ۾ ٽيٽنس جي وئڪسين لڳي چڪي آهي تہ 7 مهيني ڪيس بوسٽر لڳرائجي)

## 2. کاڌخوراڪ

ڇا ماءُ کي ڏسڻ سان لڳي ٿو تہ هوءَ چڱوچوکو کائيندڙ آهي؟ ڇا هوءَ رت جي پوٽائيءَ جو تہ شڪار ناهي؟ جيڪڏهن اهڙيون ڳالهيون آهن تہ ڪيس سٺي کاڌي کائڻ جا طريقا ٻڌائجن. ممڪن ٿي سگهي تہ ڪيس فولاد جون گوريون حاصل ڪرڻ گهرجن، اهي ٻہ اهڙيون جن ۾ فولاد سان گڏ فولڪ ائسڊ ۽ وٽامن سي ٻہ ٿئي ٿي. ڪيس اها ڳالهہ بہ سمجهائجي تہ هوءَ اديڙن ۽ اگاريءَ لاءِ کهڙا اپاءَ وٺي سگهي ٿي.

ڇا سندس وزن عام رواجي طرح سان وڌي رهيو آهي؟ ممڪن ٿي سگهي تہ هر مهيني جڏهن وٽس وڃجي تہ سندس وزن بہ ڪجي. عام رواجي طور تي حمل جي 9 مهينن تائين 8 کان 10 ڪلوگرامن تائين سندس وزن وڌڻ گهرجي. پر جي سندس وزن وڌڻ بند ٿي ويو آهي تہ اها هڪ خراب ڳالهہ آهي. حمل جي آخري مهينن دوران وزن جو وڌي وڃڻ خطرناڪ نشاني آهي. جيڪڏهن وزن ڪرڻ جي مشين نہ هجي تہ ڪيس ڏسي اندازو ڪجي.

## يا وزن ڪرڻ لاءِ هڪ سادي تارازي تيار ڪجي:



سرون يا اهڙي ڪا ٻي شئي جنهن جي وزن جي خبر هجي

## 3. معمولي مسئلا:

ماءُ کان پڇجي تہ ڪيس حمل جو اهڙو ڪو عام مسئلو تہ پيدا نہ ٿيو آهي. ڪيس ٻڌائجي تہ اهي مسئلا ايترا گنڀير نتا ٿين جن لاءِ پريشان ٿجي. ان لاءِ جيڪي صلاحون ڏئي سگهجن ٿيون اهي ڏجن.

## 4. خطري جون نشانيون ۽ خاص خطرو

خطري جي نشانين جي تپاس ڪريو. هر دفعي ماءُ جي نبض تپاسيو. جنهن مان توهانکي سندس عام رواجي نبض جي خبر پوندي ۽ اڳتي جيڪڏهن ڪيس ڪو مسئلو پيدا ٿيندو تہ اهو حل ڪري سگهبو (مثال طور ٽاڪسيميا سبب پيدا ٿيندڙ سڪتو يا شديد رت وهڻ جيڪڏهن توهان وٽ بلڊ پريشر ماپڻو آهي تہ سندس بلڊپريشر جاچيو تہ سندس وزن بہ ڏسو خاص طور تي هيٺين خطرناڪ نشانين ڌانهن ڌيان ڏيو:

- وزن جو اوچتو وڌي وڃڻ
- هٿن ۽ پيرن جي سوج
- بلڊ پريشر ۾ گهڻو واڌارو
- رت جي شديد ڪوٽ

## رت هيٺ حمل جي زهرجڻ جون نشانيون

ڪن داين وٽ پيشاب جي پروٽين يا شگر ماپڻ لاءِ "ڊپ اسٽڪ" موجود ٿئي ٿي، پيشاب ۾ گهڻي پروٽين، ٽاڪسيميا تہ گهڻي شگر ذيابيطس هجڻ جي نشاني ٿي سگهي ٿي

اهڙين خطرناڪ نشانين مان جيڪڏهن ڪا بہ ڏسڻ ۾ اچي تہ اهڙيءَ عورت کي جيترو جلد ممڪن ٿي سگهي طبي مدد حاصل ڪرڻ گهرجي. ساڳئي وقت خاص خطرن وارين نشانين تي بہ اک رکجي (ص. 256). جيڪڏهن اهڙي ڪا نشاني موجود هجي تڏهن

ڇا ماءُ کي ڏسڻ سان لڳي ٿو تہ هوءَ چڱو چوکو کائيندڙ آهي؟ ڇا هوءَ رت جي پوٽائيءَ جو تہ شڪار ناهي؟ جيڪڏهن اهڙيون ڳالهيون آهن تہ ڪيس سٺي کاڌي کائڻ جا طريقا ٻڌائجن. ممڪن ٿي سگهي تہ ڪيس فولاد جون گوريون حاصل ڪرڻ گهرجن، اهي ٻہ اهڙيون جن ۾ فولاد سان گڏ فولڪ ائسڊ ۽ وٽامن سي ٻہ ٿئي ٿي. ڪيس اها ڳالهہ بہ سمجهائجي تہ هوءَ اديڙن ۽ اگاريءَ لاءِ کهڙا اپاءَ وٺي سگهي ٿي.

# الرجي ٿيڻ واريون بيماريون



ڊاڪٽر
عاشق ميمڻ

**الرجي** ڪنهن به عام شيءِ جي خلاف انساني بت جو ناپسنديدگيءَ وارو رد عمل آهي. هڪ شئي هڪ ماڻهو لاءِ مفيد آهي پر ٻئي لاءِ هاڃيڪار آهي. ساڳي ريت هڪ شئي جو هڪ ماڻهوءَ تي ڪو اثر ڪونهي پر ٻيو شخص ساڳي شيءَ جي خلاف الرجي وارو شديد رد عمل ڏيکاري ٿو ۽ بعضي مري به وڃي ٿو. ائين به ٿيندو آهي ته ڪو شخص هڪ شيء سان سالن کان وٺي لهه وچڙ ۾ آهي پر هڪ ڏينهن ڪيس ساڳي شيءِ کان الرجي ٿيو پوي.

ناپسنديدگيءَ واري ان رد عمل کي "زود حساسيت" يا "بيش حساسيت" چئبو آهي. يوناني طب جا حڪيم ان کي "گرم سرد" يا "سرد گرم" جو ٽڪراءُ چوندا آهن.

الرجي جا اهڃاڻ- خارش، سوڄ ۽ جسماني بي آرامي آهن. الرجي بت جي مختلف سرشتن ۾ مختلف رد عمل ظاهر ڪري ٿي، ساهه واري سرشتي ۾، دم يا سهڪو، الرجيائي نزلو يا همي ڪاهي (Hay fever) هاضمي واري سرشتي ۾ دست، الٽيون ۽

الرجي جا اهڃاڻ- خارش، سوڄ ۽ جسماني بي آرامي آهن. الرجي بت جي مختلف سرشتن ۾ مختلف رد عمل ظاهر ڪري ٿي، ساهه واري سرشتي ۾، دم يا سهڪو، الرجيائي نزلو يا همي ڪاهي (Hay fever) هاضمي واري سرشتي ۾ دست، الٽيون ۽ پيٽ جو ويلو؛ ۽ چمڙيءَ ۾- چاپاڪو، الرجيائي ٿوٿر ۽ ملو.

سگريٽ پيئندڙ جي دل جيڪا اڳ ۾ ئي گهٽي آڪسيجن گهري ٿي حقيقت ۾ گهٽ آڪسيجن حاصل ڪري سگهي ٿي. اهو اجا اهڙن ماڻهن لاءِ وڌيڪ خطرناڪ آهي جن کي دل ۽ ڦڦڙن جي بيماري آهي. ساڳئي گيس سگريٽ پيئندڙ ۾ ساهه جي بيماري ۽ استمنا Stamina جي گهٽتائي جو سبب ٿئي ٿي. هن (ڪاربان مونو آڪسائيڊ) گيس جي ڪري رت جي شريانين ۾ چربي (Fat) جمي پوي ٿي ۽ اهي سوڙهيون ٿي وڃن ٿيون ۽ نتيجي ۾ دل جي دوري پوڻ جا امڪان (Chances) وڌيو وڃن.

هاڻي اچو ته ڏسون ته هڪ ننڍڙي سگريٽ ۾ حقيقت ۾ ڇا آهي؟ جيڪو ايڏيون مختلف بيماريون پيدا ڪري ٿو. ڊاڪٽر ميڪ لين مطابق "سگريٽ جڏهن پيتو ويندو آهي ته 4 هزارن کان مٿي



مختلف ڪيميڪل انساني جسم ۾ داخل ٿين ٿا" جيڪي هيٺيان آهن.

**1. ٽار (Tar):**

اهو مختلف ڪيمڪلس جو گروپ آهي جنهن ۾ ڪينسرپيدا ڪندڙ بينزو پائرين (Benzopyrene) نائٽروزامائين (Nitrozamine)، بيٽانيفٿائل امائين B-Napthylamine ڪيڊميم Cadmium ۽ نڪل Nickle جهڙا ڪيمڪل آهن. ٽار هڪ ناسي چمڪندڙ شي آهي جيڪا سگريٽ پيئندڙ جي جسم ۾ جمع ٿئي ٿي.

**2. نڪوٽين. Nicotine**

نڪوٽين تماڪ ۾ گهڻي اهميت واري شي آهي اها رت ۾ جلد جذب ٿي وڃي ٿي ۽ اها دماغ تائين به جلد پهچي وڃي ٿي. ان جا اثر مختلف ماڻهن تي مختلف هوندا آهن. گهڻو ڪري نڪوٽين پهريائين ته دماغ کي متحرڪ رکي ٿي ۽ ماڻهو پاڻ کي قوّت ۽ تڪڙوڪم ڪرڻ وارو محسوس ڪري ٿو پر بعد ۾ دماغ جي سوچ واري انداز کي ختم ڪري ٿي. نڪوٽين ايڊري نلين Adrenaline پيدا ڪري ٿي جيڪا دل جي رفتار کي وڌائي ٿي ۽ دل سخت ڪم ڪري ٿي جنهن جي ڪري دل جو دٻاءُ وڌي ٿو جنهن ڪري دل کي وڌيڪ آڪسيجن Oxygen گهرجي ٿي ته جيئن هو رت کي جسم جي مختلف حصن ڏانهن موڪلڻ جو ڪم جاري رکي سگهي. نڪوٽين جي ڪري رت جي شريانين/رڳن ۾ جلد جمي ٻه وڃي ٿو جنهن ڪري دل جي دوري پوڻ جا امڪان (Chances) وڌيو وڃن.

**3. ڪاربان مونو آڪسائيڊ:**

اها هڪ زهريلي گئس آهي جيڪا 15 سيڪڙو ان آڪسيجن جي جاءِ والاري ٿي جيڪا خون ۾ خون جا ڳاڙها جزا کڻي ٿي. ان ڪري سگريٽ پيئندڙ جي دل جيڪا اڳ ۾ ئي گهڻي آڪسيجن گهري ٿي حقيقت ۾ گهٽ آڪسيجن حاصل ڪري سگهي ٿي. اهو اجا اهڙن ماڻهن لاءِ وڌيڪ خطرناڪ آهي جن کي دل ۽ ڦڦڙن جي بيماري آهي. ساڳئي گيس سگريٽ پيئندڙ ۾ ساهه جي بيماري ۽ استمنا Stamina جي گهٽتائي جو سبب ٿئي ٿي. هن (ڪاربان مونو آڪسائيڊ) گيس جي ڪري رت جي شريانين ۾ چربي (Fat) جمي پوي ٿي ۽ اهي سوڙهيون ٿي وڃن ٿيون ۽ نتيجي ۾ دل جي دوري پوڻ جا امڪان (Chances) وڌيو وڃن.

**4. ٻيا ڇيندڙ جزا:**

مثلاً گئسون جيئن هائڊروجن سلفائيڊ، امونيا هائڊروجن سائنائيڊ، فارملنڊي هائيڊ اهي گئسون نڪ، ڪن ۽ ڳلي تي خراب اثر ڪن ٿيون ۽ ڦڦڙن جي اندرين حصي کي نقصان پهچائي اندرين نالي کي سوڙهو ڪن ٿيون جنهن ڪري سگريٽ پيئندڙ کي سلهه ۽ ڳلي جي سوزش جهڙيون بيماريون ٿين ٿيون.

**سگريٽ جي دونهين ڇڪڻ جا طريقا:**

1. سڌو طريقو: هن طريقي ۾ سگريٽ جو دونهون سڌو سنئون سگريٽ پيئندڙ جي ڦڦڙن ۾ وڃي ٿو ۽ هن ۾ 4 هزار مختلف ڪيمڪل هوندا آهن.

2. اڻ سڌو طريقو: هن طريقي سان دونهون سگريٽ نه پيئندڙ جي ڦڦڙن ۾ اندر داخل ٿئي

| سگريٽ پيئڻ جا گهڻ وقتي اثر | سگريٽ پيئڻ جا گهٽ وقتي اثر |
|---|---|
| • ڦڦڙن جو ڪينسر<br>• دل جو دورو<br>• بڪي جو سرطان<br>• دل ۽ دماغ جي شريانين جو سوڙهو ٿيڻ<br>• وات، نڪ ۽ ڳلي جو ڪينسر<br>• دائمي کنگهه<br>• کل جو خشڪ ۽ بي رنگو ٿي وڃڻ.<br>• پيٽ جو السر | • ڀهريائين دماغي قوت وڌائي ٿو پر پوءِ گهٽائي ٿو.<br>• ساهه جي نالي سوڙهي ٿئي ٿي.<br>• اکيون، وات ۽ ڳلو خشڪ ٿيو وڃي.<br>• جسم ڏانهن ويندڙ خون جي رفتار گهٽائي ٿو.<br>• جسماني کل جو گرمي پد گهٽائي ٿو.<br>• آڪسيجن جو مقدار جسم ڏانهن گهٽائي ٿو.<br>• رت جي نالين کي سوڙهو ڪري ٿو.<br>• هڪ سگريٽ 5 کان 7 منٽ زندگي کي گهٽ ڪري ٿو. |

2. ڪجهه ماڻهن اهو ٻڌايو ته سگريٽ جي عادت ڇڏڻ کانپوءِ انهن کي چڪر اچڻ شروع ٿيا. اهوان ڪري ته هاڻي انهن جي دماغ تائين صاف آڪسيجن پهچي رهي آهي ۽ ڪاربان مونو آڪسائيڊ گهٽجي رهي هئي. انهن جي دماغ کي 2 هفتا لڳندا ته هو صاف ۽ سني آڪسيجن حاصل ڪري پنهنجا عام ڪم ڪري سگهندا.

3. سگريٽ ڇڏڻ کانپوءِ ٿي سگهي ٿو ته کنگهه ٿي پوي اهو انڪري جو سيليا جيڪي هوا جي نالين ۾ سست ٿي ويا هيا اهي هاڻي ٺي وري ڪم ڪرڻ لڳا. پر هاڻي اهي مقرر رفتار کان وڌيڪ ڪم ڪن ٿا، ته جيئن اهي ڦڦڙن جي نالين تان گند، دونهون، مثلاً سنهڙا جيوڙا ۽ ٽار کي صاف ڪن، جڏهن ساهه جي نالين مان هوا گذرڻ جو رستو صاف ٿي ويندو ته کنگهه ختم ٿي ويندي.

## سگريٽ جي طلب کي ڪيئن منهن ڏجي:-

ماڻهن گهڻو ڪري سگريٽ ٽن سببن ڪري پيئندا آهن.

1. نشي کي پورو ڪرڻ لاءِ
2. عادت کي پورو ڪرڻ لاءِ
3. ذهني طلب کي پورو ڪرڻ لاءِ

### 1. نشي جي عادت کي پورو رکڻ لاءِ:

جيڪڏهن توهان سگريٽ جا عادي آهيو ته پوءِ ڀهريان ڪجهه ڏينهن توهان کي ڏکيا لڳندا. ان وقت توهان اهو سوچيو ته سگريٽ ڇڏڻ کانپوءِ توهان ڪيترو ته خوش گذاريندا. توهان کي گهڻي طاقت ملندي، ساهه آساني سان کڻي سگهندا ۽ توهان جي کنگهه به ختم ٿي ويندي، توهان جي سوچ جي قوت وڌندي ۽ ذائقو به توهان سنو ۽ جلد محسوس ڪندا. اهڙي موقعي تي توهان کي گهڻي واپرايو ته جيئن نڪوٽين توهان جي جسم مان ٻاهر نڪري. فروٽ ۽ تازيون ڀاجيون کائو ته جيئن توهان جو جسم وزن وڌي سگهي. چانهه ۽ ڪافي کي گهٽايو اهوان ڪري ته هڪ عادت کي ختم ڪرڻ کانپوءِ توهان کي ٻي عادت نه پئجي وڃي.

### 2. عادت کي پورو رکڻ لاءِ:

اهو ضروري اهي ته اهي سڀ شيون جيڪي سگريٽ ۽ توهان جي عادت متعلق اهن اهي ختم ٿيڻ گهرجن. جيڪڏهن توهان پنهنجي آگرين کي سگريٽ کان خالي محسوس ڪيو ٿا ته توهان پينسل يا پيپر ڪلپ وغيره کڻو.

جيڪڏهن توهان ماني کائڻ کانپوءِ سگريٽ پيئڻ جا عادي آهيو ته پوءِ توهان ماني کائڻ کانپوءِ گهر کان ٻاهر نڪري ٿوري واڪ ڪيو.

### 3. ذهني طلب کي پورو ڪرڻ لاءِ:

جيڪڏهن توهان جو ذهن توهان کي سگريٽ پيئڻ لاءِ چوي ٿو ته توهان سگريٽ پيئڻ جا نقصان پنهنجي ذهن ۾ آڻيو مثلاً ڦڦڙن جو ڪينسر، دل جو دورو، پراڻي کنگهه، ساهه کڻڻ ۾ مونجهائي جيڪڏهن اڃا گهڻي طلب ٿي ته پوءِ توهان ڏکيا ساهه کڻو، ڪلهن ۽ ڪنڌ تي مالش ڪريو يا ڪن دوستن ڏي وڃو جيڪي سگريٽ نه پيئندا هجن.

جيڪڏهن توهان سگريٽ ان وقت وٺندا آهيو جڏهن توهان ڪاوڙ ۾ هجو يا ڊپريشن ۾ ته سوچيو ڇا سگريٽ توهان جا مسئلا حل ڪندو.

**جيڪڏهن توهان جو ذهن توهان کي سگريٽ پيئڻ لاءِ چوي ٿو ته توهان سگريٽ پيئڻ جا نقصان پنهنجي ذهن ۾ آڻيو مثلا ڦڦڙن جو ڪينسر، دل جو دورو، پراڻي کنگهه، ساهه کڻڻ ۾ مونجهائي جيڪڏهن اڃا گهڻي طلب ٿي ته پوءِ توهان ڏکيا ساهه کڻو، ڪلهن ۽ ڪنڌ تي مالش ڪريو يا ڪن دوستن ڏي وڃو جيڪي سگريٽ نه پيئندا هجن.**





# ذهني مريضن جو تاريخي پس منظر

ڊاڪٽر عبدالرشيد لاکو،
نوابشاهه

اسان مان اڪثر ماڻهو جڏهن ڪنهن ماڻهوءَ کي ابتو سبتو ڳالهائيندي يا چال چلت هلندي ڏسندا آهن ته نه فقط پريشان ٿيندا آهن، پر ڪنهن حد تائين نفرت ۽ ڪاوڙ جو اظهار پڻ ڪندا آهن. ذهني مريضن ۽ مرضن بابت اسان جو خيال اڃا تائين حقيقت پسندانه نه ٿي سگهيو آهي ۽ نه ئي اسان ان طرف ڪا توجهه ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. اسان جو رويو اڃا تائين انتهائي ظالماڻو ۽ خراب رهيو آهي ۽ هلندو اچي ٿو. اسان مريض جي مدد ڪرڻ ۽ همدرديءَ جا ٻه ٻول ڳالهائڻ ته پري رهيو، هن کي پاڻ جهڙو انسان مڃڻ لاءِ تيار نه ٿيندا آهيون. حالانڪ هو به اسان جهڙو ئي انسان آهي. مثلاً: دماغي مريض جيڪڏهن ڪو عزيز، دوست يا پاڙي وارو آهي ته ڏهن به اسان اهو وساري ويهندا آهيون ته بيماري کان اڳ اهو اسان وانگر چاق چڱو ڀلو ۽ نارمل زندگي گذاري رهيو هو. هاڻي جڏهن ذهني مريض ٿي پيو آهي ته ضرور ائين ڪرڻ ۽ ڳالهائڻ ۾ هن جو وس ڪونهي، هو بي وس ۽ لاچار آهي. اسان جڏهن ڪنهن سجاڻو ماڻهوءَ جو ذهني مريض ٿيڻ جو ٻڌندا آهيون ته هڪدم شش و پنج ۾ مبتلا ٿي ويندا آهيون. جڏهن ته دل، جگر ۽ ڦڦڙن جي بيمارين جا مريض اڪثر ڪري روز پيا ڏسون. جهڙي طرح دل، ڦڦر ۽ گردا وغيره اسان جا عضوا آهن، تهڙي طرح دماغ به هڪ

**ذهني بيمارين جي تاريخ اوتري پراڻي آهي جيتري خود انسان جي. قديم زماني ۾ ذهني مريض بابت ان وقت جي ڏاهن جو خيال هوندو هو ته، مريض تي ڪنهن بد روح يا جن ديرو ڄمايو آهي. انهيءَ ڪري اهڙن بدنصيب مريضن کي تمام ظالماڻي ۽ اندوهناڪ علاج جي حوالي ڪيو ويندو هو، جنهن جو تصور ڪرڻ سان لڱ ڪانڊارجي وڃن ٿا. قديم زماني جي ڪجهه قبيلن جي ماڻهن جو خيال هو ته، ذهني مريضن تي جن قبضو ڪيو آهي. جيڪڏهن جن سٺو يا شريف آهي ته اهڙو ماڻهو ولي، بزرگ ۽ شفا ڏيندڙ ٿي پوي ٿو. جيڪڏهن جن برو يا خراب هوندو ته اهڙن بدقسمت مريض جي جسم مان اهو جن يا بدروح ڪڍڻ لاءِ مٿي ۾ سوراخ ڪيو ويندو هو.**

عضوو آهي ۽ جهڙي طرح ٻيا عضوا بيمار ٿي سگهن ٿا. تهڙيءَ طرح دماغ بہ بيمار ٿي سگهي ٿو. ان ۾ حيران ۽ پريشان ٿيڻ جي ڪهڙي ڳالهہ آهي؟ صرف صبر و تحمل ۽ بردباريءَ جي ضرورت آهي

ذهني بيمارين جي تاريخ اوتري پراڻي آهي جيتري خود انسان جي. قديم زماني ۾ ذهني مريض بابت ان وقت جي ڏاهن جو خيال هوندو هو تہ، مريض تي ڪنهن بد روح يا جن ديرو ڄمايو آهي. انهيءَ ڪري اهڙن بدنصيب مريضن کي تمام ظالماڻي ۽ اندوهناڪ علاج جي حوالي ڪيو ويندو هو، جنهن جو تصور ڪرڻ سان لڱ ڪانڊارجي وڃن ٿا. قديم زماني جي ڪجهہ قبيلن جي ماڻهن جو خيال هو تہ، ذهني مريضن تي جن قبضو ڪيو آهي. جيڪڏهن جن سٺو يا شريف آهي تہ اهڙو ماڻهو ولي، بزرگ ۽ شفا ڏيندڙ ٿي پوي ٿو. جيڪڏهن جن برو يا خراب هوندو تہ اهڙن بدقسمت مريض جي جسم مان اهو جن يا بدروح ڪڍڻ لاءِ مٿي ۾ سوراخ ڪيو ويندو هو. جيل جهڙي جڳهہ ۾ ٻڌي ڇڏي ڏنو ويندو هو. زهر ذريعي ماريو ويندو هو يا جيئري باهہ جي آڙاهہ جي حوالي ڪيو ويندو هو. هن وقت اهڙي صورتحال تہ ڪانهي پر حالتون ايتريون بہ تسلي بخش ٿي نہ سگهيون آهن جو چئي سگهجي تہ هاڻي ذهني مريضن سان سٺو ورتاءُ ڪيو وڃي ٿو. گهڻو پري وڃڻ جي ضرورت ڪهڙي آهي. اڄ کان فقط پنجاهہ سال اڳ جرمنيءَ جي نازي فوجين جي هٽان ملڪ جي 80000 (اسي هزار) ذهني مريضن کي بي گناهہ گولين سان اڏايو ويو. اهو انساني درندگيءَ جو اهم مثال آهي.

1920ع ۽ 1930ع جي ڏهاڪن دوران ذهني مريضن کي جيل جهڙين اسپتالن ۾ رکيو ويندو هو جن کي "ذهني مريضن جي پناه گاه" (Mental asylum) چيو ويندو هو ۽ اهي مٿن مائٽن ۽ ساٿين جي اڻنگي رويي سبب سالن جا سال اتي گذاريندا هئا. اڪثر مريض تہ سڄي ڄمار ئي اتي گذاري ڇڏيندا هئا. اهو سن 1938ع جو واقعو آهي تہ ذهني مريضن جو قانون پاس ٿيو جنهن کي Mental health Act of 1938 ڪوٺجي ٿو. جنهن موجب اهڙن مريضن کي سندن خواهش موجب آزاد ڪيو ويندو هو ۽ واپس پنهنجي گهر پيڙو ڪيو ويندو هو.

هونئن تہ ذهني بيمارين جي تاريخ اوترو ئي پراڻي آهي، جيتري خود انسان جي، پر انساني تاريخ جو پهريون ذهني ديوانگيءَ جو ڪيس 1500 قبل مسيح ۾ معلوم ٿيو. ميلامپوس نالي هڪ شخص، جيڪو يوناني هو. تنهن ڪجهہ ديوانين عورتن جو علاج ڪيو ۽ قديم يونان ۾ وڏي شهرت حاصل ڪئي. هن "ٽائيرين" جي بادشاهہ جي ڌيءَ جو پڻ علاج ڪيو. هي آفيم نما هڪ نشي آور شيءِ ڏيندو هو. جيڪا عورتن کي مستيءَ ۾ نچڻ ۽ جهومڻ تي مجبور ڪندي هئي. آخر تڪجي بيهوش ٿي ڪري پونديون هيون ۽ واپس پنهنجي اصلي حالت ۾ يعني نيڪ ناڪ ٿي وينديون هيون.



دنيا جو پهريون ڊاڪٽر بقراط (Hippocrates) جيڪو يونان ۾ 460 ق-م ڄائو هو. پهريون پيرو اهو خيال ڏنو تہ "چريائپ يا ديوانگي دماغ مان شروع ٿئي ٿي." اهو دماغ ئي آهي، جنهن جي وسيلي سان سوچيون ٿا، ڏسون ٿا، سمجهون ٿا ۽ سٺي ۽ خراب ۾ تميز ڪريون ٿا. اهو دماغ ئي آهي، جنهن جي ڪري اسان چريا ٿيون ٿا، مستيءَ ۾ اچون ٿا، ڊپ ۽ خوشيءَ جو اظهار ڪريون ٿا، سرور ۽ راحت محسوس ڪريون ٿا ۽ آرام ڪريون ٿا. بقراط دماغي بيمارين جا ڪيترائي قسم بيان ڪيا، جن ۾ ماليخولينا (Melancholia) ۽ هسٽريا (Hysteria) شامل آهن. بقراط جي خيال موجب هسٽريا نوجوان عورتن ۾ ٿيندي آهي، ڇاڪاڻ تہ عورت جو رحم گردش ڪرڻ لڳندو آهي ۽ انهيءَ جو علاج فقط انهيءَ ڇوڪريءَ جي شادي يا حمل ٿيڻ آهي. (جديد نفسيات ۾ هسٽريا کي (Conversion reaction) سڏجي ٿو ۽ عورتن کان علاوه مردن ۾ پڻ ٿي سگهي ٿي ۽ انهيءَ جو علاج شادي نہ پر مڪمل علاج آهي). بقراط ڪجهہ ذهني مريضن جو علاج جڙي ٻوٽين وسيلي ٻڌايو آهي. هڪ جڙي ٻوٽي نالي ميندرا گورا آهي، جيڪا نهايت طاقتور نشو ڏياريندڙ آهي ۽ پهريائين مريضن کي فريب حس

هونئن تہ ذهني بيمارين جي تاريخ اوترو ئي پراڻي آهي، جيتري خود انسان جي، پر انساني تاريخ جو پهريون ذهني ديوانگيءَ جو ڪيس 1500 قبل مسيح ۾ معلوم ٿيو. ميلامپوس نالي هڪ شخص، جيڪو يوناني هو، تنهن ڪجهہ ديوانين عورتن جو علاج ڪيو ۽ قديم يونان ۾ وڏي شهرت حاصل ڪئي. هن "ٽائيرين" جي بادشاهہ جي ڌيءَ جو پڻ علاج ڪيو. هي آفيم نما هڪ نشي آور شيءِ ڏيندو هو، جيڪا عورتن کي مستيءَ ۾ نچڻ ۽ جهومڻ تي مجبور ڪندي هئي. آخر تڪجي بيهوش ٿي ڪري پونديون هيون ۽ واپس پنهنجي اصلي حالت ۾ يعني نيڪ ناڪ ٿي وينديون هيون.

**ذهني مريض جي تاريخ جي وچين عرصي دوران مذهبي ۽ سياسي تبديلين سبب چريا ماڻهو هڪ دفعو ٻيهر تشدد جو نشانو بڻيا ۽ انهيءَ خيال وري جنم ورتو ته چريو ۽ شيطان جي قبضي ۾ اچين ويو آهي ۽ شيطان کان مارڻ جو واحد طريقو هي آهي ته پاڳل مريضن کي ختم ڪيو وڃي. اهڙي ماڻهوءَ کي "شيطان ماڻهو" سڏيو ويندو هو ۽ جيئرو باهه ۾ اڇلايو ويندو هو، جنهن ڪري مريضن جو ڀيانڪ موت ٿي پوندو هو. اهڙو ورتاءُ يورپ ۽ آمريڪا ۾ جاري رهيو. انهيءَ جو اهم مثال فرانس جي آزاديءَ جي مجاهد "جون آف آرڪ" جو آهي، جنهن چيو ٿي ته هوءَ بهشت مان آواز ٻڌي ٿي (شايد شيزو فرينيا جي مريضن ٿي پئي هئي) ۽ ملائڪن سان ڳالهيون ڪري ٿي. هن کي ڏائڻ سمجهي جيئري ئي باهه جي حوالي ڪيو ويندو هو.**

(Hallucination) ڏياربنديون هيون ۽ پوءِ مريض ڏکي ننڊ سمهي پوندو هو. بقراط سٺي غذا، دماغ/ مٿي جي مالش ڏکوئيندڙ ۽ قدرتي منظر (سمنڊ ۽ سرسبز علائقو) ۽ خوبصورت تصويرن ڏسڻ تي به زور ڏنو.

ڏهين صدي عيسوي جي عرصي دوران پاڳلن کي ٻارن سان تشبيهه ڏني ويندي هئي، ڇاڪاڻ ته هو ٻاراڻيون حرڪتون ڪندا هئا. يا وري عام ماڻهن کي مريضن سان سٺو ورتاءُ ڪرڻ، ڪاڏو ۽ اجهو ڏيڻ لاءِ همٿائيندا هئا. ذهني مريضن کي درگاهن ۽ ٻين پاڪ جڳهين تي وٺي ويندا هئا ۽ حج (عيسائين جو) ڪرائيندا هئا جيئن انهن جو ذهني توازن واپس موٽي اچي.

انهيءَ کان علاوه ٿڌي سياري ۾ ٿڌي برف جهڙي پاڻيءَ ۾ غوطا ڏياريا ويندا هئا. ايستائين جو مريض جو ذري گهٽ موت واقع ٿي پوڻ جو امڪان ٿي پوندو هو. جسم کي چير ڏيئي رت وهايو ويندو هو ته جيئن صدمي جي نتيجي ۾ هن دماغ وري صحيح سالم ٿي پوي!

ذهني مريض جي تاريخ جي وچين عرصي دوران مذهبي ۽ سياسي تبديلين سبب چريا ماڻهو هڪ دفعو ٻيهر تشدد جو نشانو بڻيا ۽ انهيءَ خيال وري جنم ورتو ته چريو شيطان جي قبضي ۾ اچي ويو آهي ۽ شيطان کي مارڻ جو واحد طريقو هي آهي ته پاڳل مريضن کي ختم ڪيو وڃي. اهڙي ماڻهوءَ کي "شيطان ماڻهو" سڏيو ويندو هو ۽ جيئرو باهه ۾ اڇلايو ويندو هو. جنهن ڪري مريضن جو ڀيانڪ موت ٿي پوندو هو. اهڙو ورتاءُ يورپ ۽ آمريڪا ۾ جاري رهيو. انهيءَ جو اهم مثال فرانس جي آزاديءَ جي مجاهد "جون آف آرڪ" جو آهي. جنهن چيو ٿي ته هوءَ بهشت مان آواز ٻڌي ٿي (شايد شيزو فرينيا جي مريضن ٿي پئي هئي) ۽ ملائڪن سان ڳالهيون ڪري ٿي. هن کي ڏائڻ سمجهي جيئري ئي باهه جي حوالي ڪيو ويندو هو.

اهو سنه 1682ع جو واقعو آهي ته فرانس جي بادشاهه "لوئيس چوڏهون" ذهني مريض کي موت جي سزا تي عمل ختم ڪرايو ۽ ذهني مريضن جي اجهي (Mental Asylum) ۾ پناهه ڏيڻ جو رواج وڌو.

سن 1570ع دوران سئٽزرلينڊ جي ٻيٿالاجسٽ نالي "فيلڪس پليٽر" ديوانگي کي ڇهن وڏن عنوانن ۾ ورهايو:

يعني:

(1) ايمبيسلٽاس (Imbecilities) يعني ڄائي ڄم کان ذهني طور پٺتي پيل.

(2) ڪنسٽرنيٽو (Consternatio) جنهن ۾ گردن توڙ بخار ۽ مختلف ويهڪ جا انداز رکندڙ مريضن (Catatonic) اهڙا مريض ڪجهه ڪلاڪن کان ڪجهه ڏينهن تائين بنا ڪاڏي پيتي جي، ميڻ جي مجسمي وانگر هڪڙي جاءِ ۽ حالت ۾ رهندا آهن ۽ شيزوفرينيا جي اهم نشاني آهي.

(3) ايليئنٽو (Aliento) جنهن ۾ پوڙهن ۽ ڪرڙوڙ ماڻهن جي دماغي بيماري



ڊومنشيا پيار ۽ نفرت، ماليخوليا، هائپوڪونڊياسس جنهن ۾ مريض پنهنجي بيماريءَ جي ڪري هر وقت تشويش جو شڪار رهندو آهي. روح يا جن جو قبضو (Possesion by devil) غير معمولي چالاڪ ڳالهائو ۽ جان جوکي ۾ وجهندڙ مرض.

(4) ڊفيٽيگيشو (Defatigatio) جنهن ۾ مريض جي ننڊ ختم ٿئي ٿي (Insomnia) جيڪا شيطان يا خدا جي طرف کان هجي ٿي (ان وقت جي خيال موجب) انهيءَ ڪري هن اهڙن مريضن جو علاج فقط زنجيرن سان ٻڌڻ تجويز ڪيو. فرانس جي انقلاب کانپوءِ هڪ ڊاڪٽر نالي فلف پنل (1828-1758ع) جنهن کي پاڳل ماڻهن سان بيحد دلچسپي هوندي هئي، حڪم ڪيو ته اهڙن مريضن کي زنجيرن ۽ ڪڙن کان آجو رکيو وڃي. هو پنهنجي دماغي مريضن جو مڪمل رڪارڊ رکندو هو ۽ دنيا جو پهريون ماهر نفسيات تصور ڪيو وڃي ٿو.

سن 1792ع ڌاري چانهه ۽ ڪافي ٺاهيندڙ ڪارخاني جي مالڪ وليم ٽيوڪ ذهني بيمار ماڻهن جي فلاح و بهبود واسطي هڪ تنظيم ٺاهي. چئن سالن کانپوءِ هن چند دوستن جي مدد سان "ذهني مريضن سان انساني ورتاءُ" (Human Care of Mentally ill) نالي هڪ تنظيم جو بنياد وڌو، جتي ٽيهارو کن ذهني مريضن کي سٺي خوراڪ، سٺي پوشاڪ ۽ اجهو مهيا ڪيو ۽ محبت ۽ شفقت سان هنن کي پنهنجو خيال رکڻ لاءِ همٿايو ويندو هو ته پنهنجي سنڀال ڪيئن ڪبي آهي. هن قسم جي تنظيم سچي "يورپ ۾ انقلابي تبديلي برپا ڪئي ۽ سڄي يورپ ۾




مريضن سان سهڻو ورتاءُ جو دور شروع ٿي ويو، پر اڃا به ڪن ڪن انتهائي ڪسمپرسي جي حالت ۾ هوندا هئا. اهڙي طرح جهڙي طرح انسان جو شرم کان ڪنڌ جهڪي وڃي. سياري ۾ ٿڌي برف جهڙي

**برطانيه جو بادشاهه جارج ٽيون انهن ڏينهن ۾ ذهني مريض ٿي پيو ۽ تقريبن پنج پيرا هن کي مڪمل ديوانگيءَ جي دور مان گذرڻو پيو. آخر ۾ سن 1820ع ۾ هن جو موت چريائپ جي حالت ۾ ٿيو. بادشاهه جو اهڙي حالت ۾ موت يورپين کي اهو سوچڻ تي مجبور ڪيو ته پاڳلپن سوسائٽي جي اهم ۽ معزز ماڻهن کي به گرفت ۾ وٺي سگهي ٿو، جنهن ڪري هڪ دفعو ٻيهر ماڻهن کي ذهني مريضن لاءِ همدرديءَ وارو رويو رکڻ جي ضرورت محسوس ٿي ۽ آهستي آهستي ذهني مريضن جي اسپتالن ۾ نرم رويو متعارف ڪرايو ويندو پر مريضن جي علاج معالجي طرف ڪا به پيش رفت ڪا نه ٿي.**

هنڌن تي ذهني مريضن کي اذيت ۾ رکڻ جو رجحان برقرار رهيو. ان وقت برطانيه جي لنڊن جي بيلام رائل هاسپيٽل ذهني مريضن جي مشهور اسپتال هئي جتي تماشبينن کي ٽڪيٽ تي چرين ماڻهن جو سير ڪرايو ويندو هو. جتي هو لوهه جي پيرن ۾ زنجيرن سان جڪڙيل

حيدرآباد جي راڻي باغ ۾ جانورن جو سير ڪرايو وڃي ٿو. هنن جي حالت انتهائي خراب هوندي هئي. ليڙون ٽيل ڪپڙا پهريل مريض روشني/گرمي/هوا کان بغير ڇٽ جهڙن ٿانون ۾ ماني ڏيو، ميرن ۽ گدلن هٿن سان کائيندا هئا. جنهن منظر کي ڏسندي هڪ حساس

پاڻي ۾ ٻوڙڻ واري علاج (Cold water shock treatment) به انهي اونداهي دور جي پيداوار آهي جيڪا اوڻهين صدي تائين هلندي آئي. جنهن ۾ ذهني مريضن جو اکيون ۽ وات ٻڌي برف جهڙي پاڻي ۾ زبردستي ايتري وقت رکيو ويندو هو جو ذري گهٽ مرڻ کي پهچي

# نوجوانن ۾ گهٽ ننڊ جو علاج- نيري رنگ جي روشني



ڪيترن ئي مطالعاتي جائزن مان ظاهر ٿيو آهي ته نوجوان ايترو وقت نٿا سمهن جيترو انهن جي ضرورت هوندي آهي، جنهن جي نتيجي ۾ انهن جي تعليم ۽ صحت ٻئي متاثر ٿين ٿا. هڪ نئين تحقيق مان معلوم ٿيو آهي ته روشني جي مقدار ۽ ان جا ڪيترائي رنگ ننڊ کي بهتر ڪرڻ ۾ مفيد ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا.

نوجوانن تي ٿيل هڪ مطالعاتي جائزي ۾ ان جي سمهڻ جي عادت سان گڏوگڏ ان حوالي سان به تحقيق ڪئي ويئي ته پيلي رنگ جي روشني انهن جي سمهڻ جي وقتن کي متاثر ڪري ٿي.

اِها تحقيق ماريانا فگائرو (Mariana Figueiro) جي قيادت ۾ نيويارڪ جي رينسليئر (Rensselaer) پولي ٽيڪنڪ انسٽيٽيوٽ جي لائٽنگ ريسرچ سينٽر ۾ ڪئي ويئي.

ماريا جو چوڻ آهي هي حقيقت آهي ته نوجوانن لاءِ صبح جي وقت اٿڻ ڏاڍو مشڪل هوندو آهي ۽ اها شئي اسڪولن جي ڪارڪردگي کي متاثر ڪري سگهي ٿي.

ڪجهه ماءُ پيءُ پنهنجي ٻارن کي رات جي وقت ۾ سمهڻ لاءِ دوائون ڏيندا آهن پر پنهنجي تحقيق ذريعي اهو ڄاڻڻ چاهيان ٿي ته ڇا ان سلسلي ۾ ڪو وڏيڪ بهتر قدرتي متبادل موجود آهي.

هو چوي ٿي ته جڏهن ان سوال جو جواب حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئاسين ته ڇا نوجوانن کي ننڊ جي ڪا دوا يا گوري بنا انهن کي جلد سمهارڻ ۽ صبح اٿڻ وقت وڌيڪ تازو توانو محسوس ڪرڻ جي سلسلي ۾ روشني جو استعمال ڪري سگهجي ٿو؟

تحقيقي جائزن مان ظاهر ٿيو ته تقريباً 13 سال جي عمر ۾ سمهڻ جي انداز ۾ نمايان تبديلي شروع ٿي ويندي آهي، ان وقت جسم اندر موجود وقت جو اندازو لڳائڻ وارو قدرتي نظام يا بايولاجيڪل ڪلاڪ نئين سري سان سيٽ ٿي ويندو آهي ۽ ننڊ آڻڻ ۾ مدد ڏيارڻ لاءِ هارمون ميلاٽونن (melatonin) ڏينهن کان پوءِ جي حصي ۾ پيدا ٿيندو آهي ۽ روشني ان مخصوص هارمون کي متاثر ڪندي آهي.

ماريانا چوي ٿي ته ان مطالعاتي جائزي جو مقصد نوجوانن کي جلد سمهڻ طرف مائل ڪرڻ لاءِ روشني جي استعمال سان ان جي ننڊ جي مرحلن ۽ انداز تي روشني جي اثرن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪرڻو هو.

ان جائزي مان انهن کي خبر پئي ته جيڪڏهن نوجوان وڌيڪ وقت صبح جي روشني ۾ رهن، خاص طور تي نيري رنگ جي شعائن ۾، ته انهن جي سمهڻ جو پراڻو سرشتو يا انهن جو باڊي ڪلاڪ بحال ٿي سگهي ٿو ۽ انهن کي هڪ ڀيرو ٻيهر ننڊ پنهنجي پراڻي وقت تي اچي سگهي ٿي. هو چون ٿا ته نيري رنگ جي روشني جا شعاءَ نوجوانن جي اندروني جسماني نظام جي رفتار کي ڏينهن ۽ رات جي قدرتي وقتن کان هڪ ڀيرو ٻيهر هڪجهڙو ڪرڻ ۾ مدد ڏين ٿا.

انهن کي اها به خبر پئي ته صبح جي قدرتي روشني نه ملڻ جي صورت ۾ عام طور تي شاگرد رات جو دير سان سمهن ٿا. جائزي مان اِهو به معلوم ٿيو آهي ته منجهند جي اُس ان سلسلي ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿي.

انهن جو چوڻ هو ته ان جائزي مان صرف اِهو ظاهر ناهي ٿيو ته صبح جي روشني نوجوانن کي پنهنجي ننڊ جي پراڻي وقتن تي سمهڻ ۾ مدد جي لاءِ اهم آهي بلڪه ان سلسلي ۾ رات جو ڪمري ۾ ٻارڻ واري روشني ۾ گهٽتائي به اهميت رکي ٿي.

ماريانا چوي ٿي ته نوجوانن کي گهرجي ته هو منجهند جي وقت نيري شعائن کي روڪڻ لاءِ پيلي رنگ جي شيشن وارا چشما استعمال ڪن.

سمهڻ جي دوائن متعلق آمريڪي اداري American Academy of Sleep Medicine جو چوڻ آهي ته نوجوانن کي هر رات 9 ڪلاڪ ننڊ جي ضرورت هوندي آهي پر گهڻا نوجوان صرف ست يا ان کان به گهٽ وقت سمهن ٿا، جنهن جي نتيجي ۾ انهن جي اسڪول جي ڪارڪردگي، مزاج، روين ۽ صحت تي اگرا اثر پون ٿا.

جائزن مان اهو به ظاهر ٿيو آهي ته ننڊ جي گهٽتائي ٿولهه،



## ڪتابن جو بار ۽ ڏکيون تعليمي سرگرميون ننڍن ٻارن کي ذهني طور متاثر ڪري سگهن ٿيون: جديد طبي تحقيق

طبي ماهرن چيو آهي ته چئاپيٽي واري تعليمي نظام سبب ننڍن ٻارن جي ذهنن تي خراب اثر پئجي رهيا آهن. اسڪولن ۾ تعليم جي معيار کي بلند ڪرڻ لاءِ نون ڪتابن جو اضافو ٻارن کي ذهني طور تي خوفزده ڪري ڇڏيندو آهي ۽ انهن جي دل پڙهائي کان ڪچڻ لڳندي آهي. عالمي سطح تي چين ۾ سيني کان وڏيڪ ٻار چائينز ايجوڪيشن سسٽم جو شڪار ٿي رهيا آهن. رسالي "ڪرڪائيوز آف ڊيزيزان چائلڊ هڊ" ۾ طبي ماهرن پنهنجي رپورٽ ۾ لکيو آهي ته چين ۾ هر ٽن مان هڪ ٻار پرائمري اسڪول جي سطح تي جسماني ۽ ذهني دٻاءَ جو شڪار آهي. طبي ماهرن خبردار ڪيو آهي ته اهڙن ٻارن جي زندگي جواني يا پوڙهائپ ۾ بي آرامي ۾ تبديل ٿي سگهي ٿي ۽ وڏي عمر ۾ وڃي انهن کي ذهني مسئلن جو شڪار ٿيڻو پوندو آهي. ذهني ۽ جسماني دٻاءَ وارن ٻارن ۾ مٿي ۽ پيٽ جي سور جي شڪايت عام آهي جنهن کي والدين ۽ استاد اڪثر بهاني بازي قرار ڏئي نظر انداز ڪري ڇڏيندا آهن ۽ ان سبب هر 4 مان 3 ٻارن کي مار پڻ کائڻي پوندي آهي. ان تحقيق ۾ 2 هزار کان وڌيڪ ٻارن جو تجزيو ڪيو ويو جن جي عمر 12 سالن کان گهٽ هئي. انهن ٻارن تي تجربن دوران جڏهن ڪتابن ۽ ٻين تعليمي سرگرمين جو بار گهٽ ڪيو ويو ته ٻارن جي ذهني ۽ جسماني واڌ ويجهه ۾ 45 سيڪڙو تائين بهتري آئي. طبي ماهرن سڄي دنيا ۾ چئاپيٽي واري تعليمي نظام کي ننڍن ٻارن لاءِ انتهائي نقصانڪار قرار ڏنو آهي.

## برطانوي ماهرن ڪينسر جي گهرڙن جي سگهه ختم ڪرڻ جي طريقي جو پتو لڳائي ورتو

طبي ماهرن علاج دوران ڪينسر جي گهرڙن جي سگهه کي ختم ڪرڻ جي طريقي جو پتو لڳائي ورتو آهي. ان اڳڀرائي سان ڪينسر ۾ استعمال ٿيندڙ علاج جي طريقي ڪيموٿراپي کي وڌيڪ اثرائتو بڻائي سگهبو ۽ اڳ ۾ کان وڌيڪ بهتر علاج جون سهولتون ملي وينديون. برطانوي ماهرن ڪينسر ريسرچ يوڪي چيرٽي جي انتظام هيٺ ٿيندڙ ان تحقيق ۾ پروٽين جي ڍانچي جي ساخت جو جائزو ورتو جيڪو ڪينسر جي دفاعي نظام کي هٿي ڏيندو آهي. ان ڍانچي واري نظام کي طبي ٻولي ۾ "ايف اي اين سي ايل" جو نالو ڏنو ويو آهي جيڪو ڪينسر جي گهرڙن جي مدد ڪندو آهي ۽ ڊي اين اي جي مرمت جي ڪم ۾ رڪاوٽ وجهندو آهي جنهن سان ڪيموٿراپي بي اثر ٿيڻ لڳندي آهي. لنڊن ڪينسر ريسرچ جي ڊاڪٽر هيلين والڊن پنهنجي ان تحقيق ۾ ٻڌايو ته اسان ان ڍانچي اندر ڪم ڪندڙ انهن گهرڙن جو پتو لڳايو آهي جيڪي متحرڪ ٿي ويندا آهن. جيڪڏهن ان جي چرپر کي بند ڪيو وڃي ته ڪيموٿراپي جي علاج جي طريقي کي وڌيڪ اثرائتو بڻائي سگهجي ٿو. ان تحقيق ۾ ايٽمي طريقو استعمال ڪري انهن گهرڙن جون تصويرون ڪڍيون ويون.

## بين الاقوامي "وڏيل رت داٻ جو ڏينهن" معياري ماپ 140-90 يا 120-80؟



وڏيل رت داٻ يعني هاءِ بلڊپريشر تي تحقيق سان لاڳاپيل ماهرن جو چوڻ آهي ته هي عام تاثر درست ناهي ته بلڊپريشر 140-90 کان مٿي هجڻ گهرجي يا ان حد تائين وڌيڪ رت جو درجو ٺيڪ آهي.

صحت جي عالمي اداري جي تجويز مطابق وڏيل رت داٻ جي معياري ماپ 120-80 کان وڌي وڃي ته هاءِ بلڊپريشر جي دائري ۾ مڃيو ويندو.

طبي ماهرن مطابق وڏيل رت داٻ جا مونجهارا دل، گردا ۽ فالج جا ايذائيندڙ مرضن جا ابتدائي اثر آهن ۽ صحت جو عالمي اداري مطابق پاڪستان سوڌو سڄي دنيا ۾ ڏيڍ ارب ماڻهو هائپر ٽينشن ۾ ير وڪوڙيل آهن، جن ۾ ساليانو 70 لک ماڻهو موت جي ننڊ سمهن ٿا.

هائپر ٽينشن يعني وڏيل رت داٻ جو مرض جنهن کي عام ماڻهو هاءِ بلڊ پريشر جي نالي سان سڃاڻين ٿا، اُن کان بچاءَ جي تدبيرن



# بُڪيون

ڊاڪٽر اسلم سيد

سنڌيڪار: نواز ڦل

اسانجي جسم ۾ گهڻو مقدار پاڻي جو آهي، جنهن ۾ ڪيمائي مادن جي ڪري گدلاڻ ٿيندي رهي ٿي. ان کانسواءِ کاڌي جي ڪري به غلاظت ٿيندي آهي. جسم جي اندر ماحول کي صاف رکڻ بڪين جو ڪم آهي جيڪي ضروري جزن جي جسم ۾ جذب ٿيڻ کانپوءِ غير ضروري مادو ٻاهر ڪڍي ڇڏينديون آهن. بڪيون به ننڍا ننڍا عضوا آهن، جيڪي پيٽ جي پٺيان ڪک ۾ ڪرنگهي واري هڏي جي ٻنهي پاسين موجود آهن. هي شڪل ۾ ماهه جي وڏي داڻي وانگر، پر ماپ ۾ بار ۾ بيدي کان به وڏيون يعني لڳ پڳ ساڍن چئن انچن جون هونديون آهن. جڏهن ته وزن ۾ پاءُ کان گهٽ هونديون آهن. ڪم جي نسبت سان انهن ۾ رت جو هڪڙو وڏيل هوندو آهي. يعني پنهنجي ماپ جي لحاظ کان ٻين عضون جي ڀيٽ ۾ رت جو وهڪرو تقريبن ڏهوڻو هوندو آهي، جنهن جي ڪري رت جي پهچ صحيح، ضرورت مطابق ۽ هموار رهندي آهي. بڪين جي بناوت انتهائي پيچيده ۽ ڏکي هوندي آهي. ٻنهي بڪين ۾ ويهه لک نلڪيون هونديون آهن، جن جي گڏيل ڊيگهه اسي (80) ميل ٿي ويندي. اهڙي طرح هي پنهنجو نازڪ ۽ معياري ڪم چڱي نموني سرانجام ڏين ٿيون.

جڏهن رت بڪين ۾ رت واهڻين وسيلي داخل ٿيندو آهي ته اهو رت واهڻين مان نڪرندڙ سنهڙين سنهڙين ڇڄي دار واهڻين ۾ گردش ڪندو آهي. اتي ئي رت ڇڻبو آهي. پوءِ اڳتي نلڪين جي ڊگهي سلسلي مان گذرندو آهي. هيءَ دلچسپ ڳالهه آهي ته رت جي ڇڻڻ کانپوءِ رت جو 180 ليٽر پاڻي نلڪين ۾ واپس ايندو آهي، جيڪو سڄي جو سڄو رت ۾ جذب ٿي ويندو آهي. باقي ڏيڍ ليٽر پاڻي پيشاب بڻجي ٻاهر نڪرندو آهي. هن ڳالهه مان بڪين جي ڪم جو اندازو ٿي وڃي ٿو ته ڪيتري قدر پاڻي جذب ڪري رت ۾ واپس موڪلينديون آهن. هنن نلڪين مان گزرڻ وقت ضروري مادا جذب ڪري واپس رت ۾ اماڻيا ويندا آهن ۽ غير ضروري مادا توڙي گدلو پاڻي بڪين جي انهن ٻنهي نالين ۾ ويندو آهي، جيڪي بڪين مان هيٺ لهنديون آهن. هن مرحلي ۾ پيشاب جي نهن جو مرحلو مڪمل ٿيندو آهي، انهن ٻنهي نالين سان پيشاب هيٺ مثاني ۾ پهچندو آهي. مثانو پيشاب گڏ ڪرڻ جي ٿيلهي آهي، بلڪل اهڙي طرح جيئن پراڻي گهرن ۾ گدلو پاڻي نالين جي رستي کڏ ۾ گڏ ٿيندو آهي، جيڪڏهن مثالو نه هجي ها ته پيشاب لاڳيتو ايندو رهي ها. مثانو پيٽ ۾ دن جي هيٺان هوندو آهي، جتي تقريبن هڪ ليٽر پاڻي گڏ ٿيڻ جي گنجائش هوندي آهي، جيڪو بعد ۾ هڪ نلي وسيلي ٻاهر نڪرندو آهي. هن پيشاب واري نالي جي رستي کي ٽونٽي انگر هڪ والو قابو ۾ رکندو اهي. اها ٽونٽي صرف ان وقت کلندي آهي، جڏهن پيشاب گڏ ٿي وڃي ۽ ان جي ٻاهر نڪرڻ جي خواهش ٿئي. مردن ۾ هن نلڪي جو رستو مرداڻي ۽ غدود مان نڪرندو آهي جيڪو پوڙهائپ ۾ وڏي توڙي سڄي هن نلڪي کي پيچائي پيشاب جي رستي ۾

---

بڪين جو اصل ڪم ۽ ذميواري هي آهي ته رت کي پاڪ ۽ صاف ڪري هر گدلاڻ کان محفوظ رکن، جيئن جسم گدلي مادن جي ڪري خراب نه ٿئي. ان ڪري رت جو هر ڦڙو ڏينهن ۾ ڪيترائي ڀيرا بڪين مان گذرندو آهي ۽ بڪين جي معائني ۾ ايندو آهي. اهڙي طرح رت به صاف رهندو آهي ۽ ڪيميائي مادن ۾ هڪ جيترائي برقرار رهندي آهي. جيڪڏهن ڪنهن ڪيميائي مادي جو مقدار وڌي وڃي ته ان کي بڪيون ٻاهر ڪڍي ڇڏينديون آهن. اهڙي طرح بڪيون هڪ ماهر ڪيميادان جيان مستقل نگهباني ڪنديون آهن ته هڪ محافظ وانگر حفاظت به.

---

**هيءَ اسان لاءِ خوش قسمتي آهي جو قدرت اسان کي ٻه ٻڪيون ڏنيون آهن، جيڪي اسان جي ضرورت کان گهٽيون آهن ۽ خالق جي سخاوت جو نشان به، جيڪڏهن هڪ ٻه ٻڪي هوندي ته ٻڪين جو ڪم برقرار رهندو. توهان اڪثر ماڻهن لاءِ ٻڌو ۽ ڏٺو هوندو ڪنهن خرابي ڪري انهن جي هڪ ٻڪي ڪڍي ويئي، پوءِ به هو پنهنجي زندگي معمول مطابق گذاري رهيا هوندا آهن. شرط هي آهي ته اسان پنهنجي ٻڪين جي سارسنڀال صحيح طريقي سان ڪريون ۽ انهن کي خراب ٿيڻ کان بچايون. هي قدرت جو ڏنل تحفو آهي، هنن کي دنيا جو گند ڪچري کان بچايون. ٻڪين جي خرابي اوچتو آسماني بلا تي نازل ڪونه ٿيندي آهي. ان جو سبب اسان جون ڪم ڪاريون آهن، جيڪي طرز زندگي جي خرابين تي مشتمل آهن. انهن سببن تي جيڪڏهن صحيح وقت تي ڌيان ڏنو وڃي ته گهٽ خطري واري انجام کان بچي سگهون ٿا.**

رڪاوٽ ڪندو آهي ۽ بيمار اها ئي شڪايت ڪندو آهي ته پيشاب سان مثانو ڀريل آهي، پر پيشاب اچي ڪونه ٿو.

ٻڪين ۾ پيشاب ڏينهن رات ٺهندو رهندو آهي ۽ اهو سلسلو ڪڏهن به بند ناهي ٿيندو. پيشاب مثالي ۾ گڏ ٿيندو رهندو آهي. پيشاب ڏينهن جو گهڻو ٺهندو آهي. ان ڪري پيشاب رات جي ڀيٽ ۾ ڏينهن جو گهڻو ايندو آهي، ڪيترن ئي بيمارين ۾ جن ۾ ٻڪين جو ڪم ڪرڻ گهٽ ٿي ويندو آهي. تن ۾ رات ۽ ڏينهن جو فرق ختم ٿي ويندو آهي، جيڪڏهن رات جو پيشاب لاءِ گهڙي گهڙي اٿڻو پوي ته ڊاڪٽر سان صلاح مشورو ڪريو. ٿي سگهي ٿو ته اها مرداڻي نالي جي ڪمزوري هجي يا ٻڪين جي خرابي جي شروعات، ٻڪين جي خرابي، ٻڪين کان وٺي مثالي ۽ ان جي ٽونٽي تائين ٿي سگهي ٿي، جيئن ته هي پيشاب جو رستو به آهي ۽ پيشاب گڏ ٿيڻ جي ٿيلهي به. ان لاءِ پيشاب جي معائني سان ٻڪين جي خرابي جو اندازو ٿي ويندو آهي.

ٻڪين جو اصل ڪم ۽ ذميواري هي آهي ته رت کي پاڪ ۽ صاف ڪري هر گدلاڻ کان محفوظ رکن، جيئن جسم گدلي مادن جي ڪري خراب نه ٿئي. ان ڪري رت جو هر ڦڙو ڏينهن ۾ ڪيترائي ڀيرا ٻڪين مان گذرندو آهي ۽ ٻڪين جي معائني ۾ ايندو آهي. اهڙي طرح رت به صاف رهندو آهي ۽ ڪيميائي مادن ۾ هڪ جيترائي برقرار رهندي آهي. جيڪڏهن ڪنهن ڪيمائي مادي جو مقدار وڌي وڃي ته ان کي ٻڪيون ٻاهر ڪڍي ڇڏينديون آهن. اهڙي طرح ٻڪيون هڪ ماهر ڪيميادان جيان مستقل نگهباني ڪنديون آهن ته هڪ محافظ وانگر حفاظت به.

هيءَ اسان لاءِ خوش قسمتي آهي جو قدرت اسان کي ٻه ٻڪيون ڏنيون آهن، جيڪي اسان جي ضرورت کان گهٽيون آهن ۽ خالق جي سخاوت جو نشان به، جيڪڏهن هڪ ٻه ٻڪي ته ٻڪين جو ڪم برقرار رهندو ٻڪ مني ٻڪي به ڪم سرانجام ڏئي سگهي ٿي. توهان اڪثر ماڻهن لاءِ ٻڌو ۽ ڏٺو هوندو ڪنهن خرابي ڪري انهن جي هڪ ٻڪي ڪڍي ويئي، پوءِ به هو پنهنجي زندگي معمول مطابق گذاري رهيا هوندا آهن. شرط هي آهي ته اسان پنهنجي ٻڪين جي سارسنڀال صحيح طريقي سان ڪريون ۽ انهن کي خراب ٿيڻ کان بچايون. هي قدرت جو ڏنل تحفو آهي، هنن کي دنيا جو گند ڪچري کان بچايون. ٻڪين جي خرابي اوچتو آسماني بلا تي نازل ڪونه ٿيندي آهي. ان جو سبب اسان جون ڪم ڪاريون آهن، جيڪي طرز زندگي جي خرابين تي مشتمل آهن. انهن سببن تي جيڪڏهن صحيح وقت تي ڌيان ڏنو وڃي ته گهٽي خطري واري انجام کان بچي سگهون ٿا. اسان جي محدود وسيلن جي ڪري اهو گهڻو ضروري آهي ته انهن سببن ۽ وسيلن کي روڪيو وڃي، جيڪي ٻڪين جي خرابي جو سبب آهن يا ٿي سگهن ٿا ۽ اهو مشڪل به ناهي.

ٻڪين جي خرابي جو سڀ کان عام ۽ قابل علاج سبب رت جو وڌيل داٻ آهي. هيءُ بدقسمتي ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه ناهي،جو جنهن مرض جو علاج ممڪن هجي، ان کي ڇڏي ڏجي ۽ اهو چپ چاپ قاتل وانگر ٻڪين جو خانو خراب ڪندو رهي. وڌيڪ رت داٻ سان ٻڪين جي بيڪار ٿيڻ لازمي آهي. وڌيڪ رت داٻ جي ڪري ٻڪين کي رت سان سيراب ۽ شاداب ڪرڻ واريون لاتعداد رڳون



**بڪين جي خرابي جو ٽيون ۽ اهم سبب بڪين جي اندر پٿرن جو ٺهڻ آهي. هيءَ شڪايت گرم ۽ واريا سين علائقن ۾ اڪثريت سان هوندي آهي. هن جو خاص سبب ننڍپڻ ۾ پاڻي گهٽ پيئڻ جي عادت هوندي آهي. هن جي روڪٿام به اهائي آهي ۽ علاج به ته شروع ۾ ئي اڄ کان وڌيڪ پاڻي پيئڻ جي عادت پاڻ ۾ وجهڻ گهرجي. جڏهن ڪا بڪين ۾ خرابي آهي ته انهن بڪين ۾ پٿرين ٺهڻ جا وڌيڪ امڪان هوندا آهن.**

بڪين جي ڪجهه حصي کي خراب ڪري ڇڏيندي آهي، مردن ۾ هن خرابي جي داخل ٿيڻ جو سبب پيشاب جي نلي اندر سرائي وجهڻ آهي، جيڪا ڪڏهن ڪڏهن ان وقت وڌي ويندي آهي، جڏهن پيشاب جي بندش ٿي ويندي آهي. هن ڳالهه طرف ڌيان رکڻ ضروري آهي ته اندر سرائي وجهڻ جو فيصلو سوچي سمجهي ڪرڻ گهرجي. بڪين جي خرابي جو ٽيون ۽ اهم سبب بڪين جي اندر پٿرن جو ٺهڻ آهي. هيءَ شڪايت گرم ۽ واريا سين علائقن ۾ اڪثريت سان هوندي آهي. هن جو خاص سبب ننڍپڻ ۾ پاڻي گهٽ پيئڻ جي عادت هوندي آهي. هن جي روڪٿام به اهائي آهي ۽ علاج به ته شروع ۾ ئي اڄ کان وڌيڪ پاڻي پيئڻ جي عادت پاڻ ۾ وجهڻ گهرجي. جڏهن ڪا بڪين ۾ خرابي آهي ته انهن بڪين ۾ پٿرين ٺهڻ جا وڌيڪ امڪان هوندا آهن. ان کان حفاظت لاءِ اهو ضروري آهي ته خراب بڪين جو وقت سر علاج ڪرائڻ گهرجي جيستائين ڊاڪٽر تجويز ڪري ته ان وقت تائين دوا کائڻ کپي، جيڪا ڪڏهن ڪڏهن گهٽي عرصي تائين استعمال ڪرڻي پوندي آهي.

سور گهٽائڻ وارين دوائن جي گهڻي استعمال ڪرڻ ڪري به بڪيون خراب ٿينديون آهن. هن حقيقت جو سڀ کان اڳ سور گهٽائڻ واري دوا فنيٽين ۾ مشاهدو ڪيو ويو. پر هاڻي هن ڳالهه جو اندازو ٿي چڪو آهي ته ٻيون سور ڇڏائڻ وارين دوائون مثلاً اسپرين ۽ پيراسٽامول به هيءَ خرابي پيدا ڪن ٿيون. بلڪ ڪنهن به سور ڇڏائڻ واري دوا جو گهڻو استعمال بڪين لاءِ موزون نه آهي. ان ڳالهه جو پتو ته هنن دوائن سان بڪيون خراب ٿينديون آهن. نهايت دلچسپ طريقي سان پيو. فرانس جي هڪ دواخاني جي ڊاڪٽر اندازو لڳايو ته هن دواخاني ۾ بڪين جي خرابي جا جيڪي به مريض اچن ٿا، انهن جي گهڻائي خاص ڳوٺ وارن جي آهي ۽ ٻين ڳوٺن جي رهواسين ۾ اها بيماري ايتري عام ناهي، وڌيڪ تفتيش تي اهو پتو پيو ته هن ڳوٺ جا رهواسي مٽي جي سور جن گورين "اي پي سي" منائي وانگر ڪائيندا آهن. هن ۾ شامل دوا فينسيٽن هن ڏوهه ۾ ڏوهي ثابت هي ۽ ان ئي وقت ڪانپوءِ سور ڇڏائڻ واريون گوريون بڪين جي خرابي سبب ٿيون. اهو ياد رکڻ کپي ته اي پي سي ۾ فينسٽن جا جزا به شامل آهن.

بڪين جي خرابي جو هڪ اهم سبب خاص طور تي ٻارن گلي، نڪ ۽ ڪن جي سوڄ به آهي. هنن جڳهين جي خرابي جي ڪري جسم ۾ حساسيت پيدا ٿي ويندي آهي، جنهن جي نتيجي ۾ تيزابي مادو پيدا ٿي آخرڪار بڪين جو خانو خراب ڪري ڇڏيندو آهي، جيئن ته هيءَ خرابي ٻارن ۾ عام هوندي آهي، ان لاءِ هن تي خاص ڌيان رکڻ گهرجي. هيءَ سوڄ جن جيوڙن جي ڪري ٿيندي آهي، انهن جو تعلق اسٽريپ قبيلي سان هوندو آهي ۽ پينسلين انهن لاءِ قاتل آهي، جنهن جو استعمال انهن جي ستياناس ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي، پر هن جو استعمال ڊاڪٽر جي مشوري سان ڪيو وڃي. پراڻي مليريا به بڪين جي خرابي جو سبب هوندي آهي. ذيابيطس به بڪين کي ڪافي نقصان پهچائيندي آهي، جنهن جو قابو ۾ رکڻ به لازمي آهي. وزني مادن يعني سون، چاندي وغيره جن مان اسان وٽ ڪشتا وغيره ٺاهيا ويندا آهن، اهي به بڪين کي خراب ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندا آهن. اهڙي طرح عطائي نسخن کان احتياط ڪرڻ کپي. نقرس جو علاج مناسب نه هوندو آهي ان ۾ بڪين جي خرابي جو سبب ٿي سگهي ٿو. ريڊيم سان جڏهن اندريون علاج ڪيو وڃي يا بغير ضرورت ايڪسري ڪرايا وڃن ته انهن سان به به بڪيون خراب ٿي سگهن ٿيون. ان لاءِ بغير ضرورت ايڪسري معائنو نه ڪرائڻ کپي. ڪيترن ئي ماين ۾ ڳپ جي آخري ٽه ماهي ۾ ڇڪي به ايندي آهي، جنهن ڪري به بڪين کي نقصان پهچي سگهي ٿو ۽ اهڙين عورتن جو اسپتال ۾ ڊاڪٽر جي نگراني ۾ علاج ڪرائڻ لازمي آهي، جيئن آئينده وقت ۾ بڪيون صحيح رهن. بڪين جي خرابي جو هڪ ٻيو ڪارڻ سلفا گروپ، جينٽامائسين اسٽريپٽو مائسن ۽ ٽيٽراسائيڪلين جي اينٽي بايوٽڪ دوائن جو استعمال پڻ اهي.

جسم جو رت جيڪڏهن گهٽي مقصدار ۾ وهي وڃي، خاص ڪري وچين عمر جي ماڻهن ۾، رت جي الٽي جو اچڻ ۽ نارين ۾ ويم توڙي ڳپ دوران اچڻ به بڪين کي نقصان پهچائي سگهي ٿو. هن صورت ۾ رت جي وهي وڃڻ جي



پورائي ٿئي رت لڳرائي ڪرائڻ ڪپي. جيڪڏهن جسم مان الٽين يا دستن وسيلي پاڻي ۽ لوڻيات جي گهٽائي ٿي وڃي ته اها به ٻڪين جي خرابي جو سبب ٿئي ٿي. هن نقصان کان پهرئين انهن جي تلافي ڪرڻ گهرجي. لوڻ ۽ پاڻي جي ضايع ٿيڻ جو پيو به وڏو سبب آهي. جيڪو عام ته ناهي پر اهم ضرور آهي. اهو آهي جسم جي سڙڻ جي ڪري پاڻي ۽ لوڻ جي گهٽتائي ٿيندي ائين نه آهي جو سڙيل جڳهه مان پاڻي ۽ لوڻ مسلسل ڳڙندو رهندو آهي. هن جي به وقت تي پورائي ڪرڻ لازمي آهي. جيڪڏهن پيشاب اچڻ ۾ پٿرين يا مرداڻي غدودن جي ڪري رڪاوٽ ٿئي ته پيشاب جو دٻاءُ ٻڪين تي پوندو آهي جيڪي متاثر ٿينديون ۽ ڦهلجي خراب ٿي ٿي وينديون. ان جي ڪري جيڪڏهن پيشاب ۾ خرابي ٿئي ته ڊاڪٽرن سان مشورو ڪرڻ گهرجي. مرداڻي غدودن جي مرضن جو تدارڪ ضروري آهي.

آخر ۾ هيءَ ڳالهه ياد رکڻ گهرجي ته ٻڪين جي خرابي جو اهم سبب گهٽ پاڻي پيئڻ به آهي. جنهن جي ڪري پيشاب گهاٽي تيل وانگر تيز رنگ جو ٿيندو آهي. تڏهن خطرو وڌي ويندو آهي. پيشاب ۾ ساڙو ٿيندو آهي. آخر ۾ روڳ توڙي پٿرين جي نهڻ جو امڪان هوندو آهي. پاڻي اڄ کان وڌيڪ پيئڻ کپي. جيڪو ڏهن ٻارهن گلاسن کان وڌيڪ هجڻ کپي ته جيئن پاڻي جي وهڪري ۾ ٻڪين وسيلي ڦوڳ ۽ پيو گندو مادو ٻاهر نڪرندو رهي. هن سان ٻڪين جي صفائي ائين ٿيندي آهي. جيئن توهان جي گهر جي صفائي ڏوپڻ ڪانپوءِ ٿيندي آهي. ۽ ٻڪين جي پٿرين کان به تحفظ ملندو آهي

# آفيس آف دي ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ/سول سرجن سروسز اسپتال حيدرآباد

## ٽينڊر نوٽيس 2009-2010

حڪومت پاران مقرر ڪيل اهليت معيارن تي پورو لهندڙ سني ساک وارن مينوفيڪچررز، مجاز واڪ ڊيلرز، فارين پرنسپالز يا سندن مجاز نمائندن/ڊسٽريبيوٽرن کان سروسز هاسپيٽل حيدرآباد جي انتظامي ضابطي تحت سروسز هاسپيٽل حيدرآباد ۽ ٽن ڊسپينسريز (ڊينٽل ڪلينڪ) ۾ هلندڙ سال 2009-2010 جي مختص بجيٽ مان مشينري/ ايڪيوپمينٽ/فرنيچر ۽ فڪسچر جي فراهمي لاءِ ٻن لفافن واري طريقيڪار يعني ٽيڪنيڪل پروپوزل ۽ فنانشل پروپوزل ذريعي ڊاڪ ذريعي مهربند واڪ گهرائجن ٿا.

ٽينڊر انڪوائري جو هڪ مڪمل سيٽ هن آفيس، ايم اينڊ آءِ سيل آف هيلٿ ڊپارٽمينٽ، حڪومت سنڌ بلاڪ 24 شاهراهه لياقت ڪراچي ۽ ڊائريڪٽر جنرل هيلٿ سروسز سنڌ ايٽ حيدرآباد وٽان لکت ۾ درخواست عيوض هر ٽينڊر ۾ جاڏايل ناقابل واپسي في جي نقد ادائيگي تي خريد ڪري سگهجن ٿا. واڪ لازمي ريٽ 21-05-2010 تي منجهند 1:00 وڳي تائين پهچڻ گهرجن. جيڪي ڪلئي عام واڪ ڊيلرن يا موجودگيءَ جي خواهشمند سندن مجاز نمائندن جي موجودگيءَ ۾ ساڳئي ڏينهن ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ/سول سرجن سروسز هاسپيٽل حيدرآباد جي آفيس ۾ کوليا ويندا. پرچيزر/پروڪيورنگ ايجنسي مقدارن کي وڌائڻ/گهٽائڻ ۽/يا ٽينڊر انڪوائري مان ڪنهن آئٽم کي ختم ڪرڻ جو حق پڻ محفوظ رکي ٿي.

| استورز جو تفصيل | کلڻ جي تاريخ | گهربل تعداد | ٽينڊر جي قيمت |
|---|---|---|---|
| **ٽينڊر نمبر جي ڊي ايل 01 پلانٽ ۽ مشينري 2009-2010** | 21-05-2010 | | |
| 1. ڊينٽل يونٽ مڪمل ساڻ چيئر. | | 01 | |
| 2. ايف.سي.جي مشين. | | 01 | 1000 رپيا |
| 3. الٽرا سائونڊ مشين. | | 01 | |
| **ٽينڊر نمبر ٽري ڊسپينسري: 01 (اي) فرنيچر ۽ فڪسچر 2009-2010** | 21-05-2010 | | |
| 1. آفيس ٽيبل. | | 14 | |
| 2. روالونگ چيئر. | | 16 | |
| 3. آفيس چيئر. | | 70 | 100 رپيا |
| 4. آئرن الماري آفيس ٽائيپ. | | 12 | |
| 5. مريضن جي معائني لاءِ اسٽيل اسٽول. | | 23 | |
| **ٽينڊر نمبر ايس ايڇ واءِ ڊي 01 (ايم) 2009-2010 (مشينري/ ايڪيوپمينٽ).** | 21-05-2010 | | |
| 1. آفٿلمو اسڪوپ. | | 01 | |
| 2. رفريڪشن باڪس. | | 01 | 100 رپيا |
| 3. اي.اين.ٽي.سيٽ. | | 01 | |
| **ٽينڊر نمبر ايس ايڇ واءِ ڊي 01 (اي) (فرنيچر ۽ فڪسچر) 2009-2010** | 21-05-2010 | | |
| 1. آفيس ٽيبل. | | 14 | |
| 2. روالونگ چيئر. | | 04 | 100 رپيا |
| 3 آفيس چيئر. | | 20 | |
| 4. آئرن الماري آفيس ٽائيپ. | | 04 | |

## ضروري

1. ٽينڊر 06-05-2010 کان هن آفيس، ڊائريڪٽوريٽ جنرل، هيلٿ سروسز سنڌ ايٽ حيدرآباد ۽ ايڊيشنل سيڪريٽري (PM & I Cell) هيلٿ ڊپارٽمينٽ جي آفيس بلاڪ-24 شاهراهه لياقت ڪراچي وٽان رکرو ڪيا ويندا.
2. واڪ لازمي ريٽ پاڪستاني رپين ۾ هئڻ گهرجن.
3. جيڪڏهن حڪومت اڻڄاتي سببن ڪري عام موڪل جو اعلان ٿي ڪري ته ٽينڊر ورندڙ ڪم ڪار واري ڏينهن تي کوليا ويندا.
4. سمورا ڪوٽيشن سرڪاري ٽيڪسن سميت جيڪڏهن لاڳو هجي ته جي ايس ٽي سميت هئڻ گهرجن.

**ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ/سول سرجن**

**سروسز هاسپيٽل حيدرآباد**

INF/KRY.No:1645/2010

# پاڻي وسيلي ٿيندڙ خطرناڪ بيماريون

ڊاڪٽر شمس سومرو



هڪ عام چوڻي آهي تہ جيئن انسان فطرت کي پوئتي ڌڪي رهيو آهي. تئين فطرت انسان کي پوئتي ڌڪي ٿي. ڪنهن حد تائين انهيءَ ۾ ڪوبہ وڌاءُ ڪونهي. انسان بنيادي فطري تقاضائن کي پٺي ڏيندي، جنهن بي رحميءَ سان پنهنجي ماحول کي تباهہ ڪري رهيو آهي، ان جي رد عمل توڙي موٽ ۾ فطرت انسان جيءَ دڳ کي پيچيدو ڪري رهي آهي.

جيتوڻيڪ قدرتي طور تي پاڻي ۾ مختلف قسمن جا جيو بيڪٽريا، فنگس، وائرس وغيره موجود هوندا آهن پر انهن ۾ بيماري پيدا ڪرڻ واري صلاحيت خاص ڪري اهڙي قسم جي پاڻيءَ ۾ وڌيڪ هوندي آهي، جنهن ۾ هنن روڳي جيوڙن جي موجودگي غلاظت يا گدلاڻ جي صورت ۾ موجود هوندي آهي. ڏينهون ڏينهن تيزيءَ سان وڌندڙ انساني آبادي فطري وسيلن جي کوٽ جو سبب ٿي رهي آهي، جنهن ۾ سڀ کان اهم مسئلو پاڻيءَ جي کوٽ بہ آهي. پاڻيءَ جي کوٽ ۽ خاص ڪري وسيلن جي اڻهوند جي ڪري صاف پاڻي بہ نيڪال وارين گندگين سان ملي هاجيڪار ٿيو پوي. جنهن سبب بيمارين کي پکڙجڻ جو موقعو ملي ٿو.

وڏن شهرن ۾ گدلي پاڻي جي ڪري اهو ڏنو ويو آهي تہ اڪثر بيماريون هڪ وبا جي صورت اختيار ڪري وينديون آهن.

انهن حالتن ۾ جڏهن عام ماڻهن کي اها صلاح ڏني ويندي آهي تہ پاڻي ٽهڪائي استعمال ڪيو وڃي تہ اڻ پڙهيل ماڻهن کان وڌيڪ پڙهيل ڳڙهيل ماڻهو اهو دليل ڏيندا نظر ايندا آهن تہ پوءِ سائين ماڻهوءَ ۾ قدرتي بچاءُ ڪيئن پيدا ٿيندو؟ هنن جو مطلب اهو هوندو آهي تہ پاڻي جي غلاظتن تي پاڻ هيرائڻ ڪري قدرتي بچاءُ يا جسم ۾ سهپ ۽ سگهہ پيدا ٿيندي آهي، جيڪو هڪ غير سائنسي غلط تصور آهي. اهڙي دليل بازيءَ کان پاسو ڪرڻ گهرجي.

**جيتوڻيڪ قدرتي طور تي پاڻي ۾ مختلف قسمن جا جيو بيڪٽريا، فنگس، وائرس وغيره موجود هوندا آهن پر انهن ۾ بيماري پيدا ڪرڻ واري صلاحيت خاص ڪري اهڙي قسم جي پاڻيءَ ۾ وڌيڪ هوندي آهي، جنهن ۾ هنن روڳي جيوڙن جي موجودگي غلاظت يا گدلاڻ جي صورت ۾ موجود هوندي آهي. ڏينهون ڏينهن تيزيءَ سان وڌندڙ انساني آبادي فطري وسيلن جي کوٽ جو سبب ٿي رهي آهي، جنهن ۾ سڀ کان اهم مسئلو پاڻيءَ جي کوٽ بہ آهي. پاڻيءَ جي کوٽ ۽ خاص ڪري وسيلن جي اڻهوند جي ڪري صاف پاڻي بہ نيڪال وارين گندگين سان ملي هاجيڪار ٿيو پوي. جنهن سبب بيمارين کي پکڙجڻ جو موقعو ملي ٿو.**

# زندگي، صحت ۽ بيماري

ماستر علي اڪبر
نوتاڻي چنو



جيئن ته ظاهري معنيٰ ۽ مفهوم جي اعتبار سان زندگي مؤنث واحد لفظ آهي، ۽ هر اُن شيءِ کي زندگي چيو ويندو آهي. جيڪا خود ساخته چرپر ۽ حرڪت ڪري سگهي، جنهن جو واسطو ۽ ناتو سڌيءَ ريت زمين سان يا اڻ سڌي ريت زمين جي ڪنهن بئي عنصر سان هجي.

پر حقيقت ۾ پروڙي ۽ پرکي ڏسجي ته زندگي نه مذڪر آهي ۽ نه ئي مؤنث. نه واحد آهي نه ئي جمع. نه انسان آهي نه ئي حيوان، نه وڻ آهي نه ئي ٻوٽو. نه افسانو آهي نه ئي حقيقت. نه خوشي آهي نه ئي غم. نه وسيع آهي نه ئي تنگ. نه سخت آهي نه ئي نرم ۽ نه صحت آهي نه ئي بيماري. پر زندگي هڪ اهڙيءَ مرڪب ۽ وچٽري جنس جو نالو آهي، جنهن ۾ آبي، خاڪي، بادي ۽ آتشي عنصر گردش ڪندا رهن ۽ اها مڪمل چرپر ۽ حرڪت جي صلاحيت رکي وقت جي دائري ۾ رهي پاڻ کي جنسن، حالتن ۽ روپن ۾ تبديل ڪندي رهي.

سائنسي زبان ۾ زندگي هڪ اهڙي مشين کي چيو ويندو آهي جنهن ۾ مڪمل خودڪار ۽ آٽوميٽڪ سسٽم هجي اها پنهنجي محور تي محدود مدت تائين سفر ڪري سگهي، جنهن کي هلائڻ ۽ بيهارڻ "Start and Stop" صرف قدرت الهائيءَ جي وس هجي. ظاهر آهي ته ايڏي وڏي زندگي جنهن جو پرو نڪو پاند هتي ذڪر ڪرڻ ممڪن ناهي، تنهن ڪري اسان انساني زندگي ان جي صحت ۽ بيماريءَ تي ڪجهه روشني وجهنداسين. جيڪا سڀني زندگين جو بنياد ۽ اعليٰ ۽ عظيم زندگي آهي. جنهن جي فائدي ۽ واڌاري لاءِ ٻيون زندگيون يا مشينون ايجاد ٿينديون رهيون.

جيئن مٿي ڄاڻايل آهي ته زندگيءَ جي ڪا به هڪ حالت ۽ روپ ناهي ان جي سفر يا گردش جو سلسلو مقرره مدت تائين تبديل ٿيندو رهي ٿو. تنهنڪري "اشرف الحيات" يعني انساني زندگي آٽوميٽڪ مشين سان مشابهت رکي ٿي. جيڪا مقصود سفر تي گامزن آهي. جنهن جي هن دنيا ۾ آخري منزل موت آهي. انساني زندگيءَ کي موت واريءَ منزل تائين پهچڻ لاءِ تقريبن 60 کان 90 ورهين جو عرصو لڳي سگهي ٿو. جيئن ته انسان کي "اشرف المخلوقات" جو درجو مليل آهي. ان کي الله تعاليٰ به عقل ۽ سمجهه جي صلاحيت ڏني آهي. تنهن ڪري ڪيس ضرور دل ۽ دماغ جي اوزارن کان ڪم وٺڻ گهرجي ته 60 يا 90 سالن جو وقت ڪو ٿورو عرصو ناهي. اها ڪا ننڍي منزل ناهي، اهو سفر ڪو آسان سفر ناهي. انهيءَ منزل ڏانهن ويندڙ رستو ڪو "سپرهاءِ وي" ناهي پوءِ ضرور انهيءَ رستي ۾ لاهيون، چاڙهيون به هونديون ته ڪڏا کوٻا به هوندا. شهر ۽ بازاريون به هونديون ته وسيل ۽ ويران واديون به هونديون. خوشيءَ ۾ ٽپندي ڪُڏندي ته ڏکن ۽ سورن ۾ سڙندي جاندار به نظر ايندا. صبر، شڪر ۽ فڪر ۾ منهن مونن ۾ وجهي هُو، "هو، حقُ حقُ" ڪندي، ته موج، مستي ۽ مڪر ۾ منهن مٿي ڪنيو "شو شو، ناحقُ ناحقُ" ڪندي انسان به نظر

# غسل ڪرڻ جو مسنون طريقو

مولانا محمد يوسف اصلاحي

انجنيئر عبدالمالڪ ميمڻ





(1) سڀ کان پهريون استنجو ڪرڻ گهرجي. (2) مسنون طريقي سان وضو ڪجي. (3) جيڪڏهن روزو نه هجي ته گرڙيءَ سان گڏ غرارا به ڪجن ۽ چڱيءَ طرح سان نڪ جي اندرين هڏي تائين پاڻي پهچائڻ گهرجي. (2) سڄي بدن تي پاڻي وهائي هٿ سان مهٽڻ گهرجي ته جيئن بدن جو ڪوبه حصو خشڪ نه رهجي وڃي. بدن تي ٽي دفعا پاڻي وهائڻ گهرجي.

## تيمم جو بيان

جيڪڏهن وضو يا غسل ڪرڻ لاءِ پاڻي نه هجي ته تيمم ڪرڻ گهرجي. تيمم، وضو ۽ غسل ٻنهي جو بدل آهي. پاڻي نه هئڻ جي معنيٰ هيءَ آهي ته:

(1) نماز جو وقت ٿي ويو آهي ۽ پاڻي اٽڪل سوا ميل جي مفاصلي تي آهي. پاڻيءَ تائين پهچندي نماز جو وقت نڪري وڃڻ جو خطرو آهي.

(2) ماڻهو ڪنهن اهڙي جهنگ ۾ بيٺو آهي جتي ڪيس خبر ڪانهي ته پاڻي ڪٿي آهي.



(3) کوه آهي پر ان مان پاڻي ڪڍڻ لاءِ ڪوتانوَ ۽ رسو وغيره ڪونهي.

(4) پاڻي ملهه تي ملي ٿو ۽ خريد ڪرڻ جي طاقت ڪونهي.

هن کانسواءِ هيٺين حالتن ۾ به تيمم ڪري سگهجي ٿو.

(1) پاڻي موجود آهي پر بيماريءَ سبب استعمال نٿو ڪري سگهجي.

(2) سخت سردي آهي ۽ هن ڳالهه جو انديشو آهي ته جيڪڏهن پاڻي استعمال ڪبو ته زندگيءَ خطري ۾ پئجي سگهي ٿي.

(3) اهڙي نماز فوت ٿيڻ جو خطرو آهي جنهنجو ٻيو ڪو بدل ڪونهي. جيئن عيد جون نمازون ۽ غير وليءَ يعني وارث لاءِ جنازي نماز.

## تيمم ڪرڻ جو طريقو.

(1) تيمم جي نيت ڪجي. (2) زمين تي ٻئي هٿ هڪ دفعو هڻي، پاسن پر يا پٺن پر ڇنڊي منهن تي چڱيءَ طرح ڦيرائجن (3)



وري ٻيهر زمين تي هٿ هڻي ڇنڊي ساڄو هٿ کاٻي ٻانهن تي ٺونٺ تائين ۽ کاٻو هٿ ساڄي ٻانهن تي ٺونٺ تائين ڦيرائجي. اهڙيءَ طرح تيمم ٿي ويندو.

## جن شين تي تيمم ڪرڻ جائز آهي.

(1) مٽي (2) پٿر (3) چونو ۽ چوني جون ٺهيل سڀ شيون.

تيمم ڀڄندڙ ڳالهيون

اهي ڪم جن سان وضو ڀڄي پوي ٿو انهن تي تيمم به ڀڄي پوندو.

# اکين جي حفاظت ڪيئن ڪجي؟

ڊاڪٽر رفيق احمد سومرو




اکين جي بيماري جي علم کي Ophthalmology چئبو آهي. هر وڏي شهر جي اسپتال ۾ اکين جا ماهر ڊاڪٽر Ophthalmologist ڪيترائي اکين جي بيمارين جا ڪيس روزانه ڏسندا رهن ٿا. ان کان علاوه هر سال ڪافي ڳوٺن ۽ شهرن ۾ خانگي تنظيمون اکين جي علاج جون ڪيمپون لڳائن ٿيون ۽ انهن ۾ ڪيترا سو آپريشن ڪيا وڃن ٿا. اهڙي طرح ڪافي ماڻهو معذور ۽ لاچار ٿيڻ کان بچي وڃن ٿا. بينائي جي اهميت نابين ماڻهو کي آهي، جنهن جي لاءِ هي دنيا قبر جي مثل آهي هو پنهنجي من پسند شين ۽ صورتن کي ڏسڻ کان محروم آهي. هو بي ڪنهن جي ڪم نه اچڻ کان علاوه، پنهنجي ڪم ڪار لاءِ به محتاج آهي.

اکيون دماغ جو دريون آهن، حقيقت شناسي ۾ سندن مثال نٿو ملي مگر اهڙي املهه عضوي جي جيڪڏهن صحيح سارسنڀال نه ڪئي وجي ته وقت کان اڳ ۾ انهن جي ڪارڪردگي متاثر ٿئي ٿي ۽ لاچاري ۽ معذوري کي جنم ڏئي ٿي. اهڙي تڪري ۽ بي اصولي زندگيءَ گذارڻ جي روش مان کهڙو فائدو جو نه منزل نصيب ٿئي ۽ نه دل جو سک چين ملي. الٽو اکين جي خرابي پيدا ٿي پوي ان ڪري اهو ضروري آهي ته جتي اسين پنهنجي ٻين عضون جو خيال ڪيون ٿا، اتي اکين جي حفاظت به ڪيون.

اچو ته ڏسون هن سلسلي ۾ موجوده سائنس ڇا ٿي چوي.

اکين جي بچاءَ جي علم کي Preventive Ophthalmology چئبو آهي.

ڪافي اهڙيون چوٽون (ڌڪ) ۽ زخم گندگي جا سبب، جيڪي اکين کي خراب ڪن ٿا.

## اکين کي ڌڪ لڳڻ کان اڳواٽ بچاءُ ڪرڻ:

هڪ اندازي مطابق هن وقت تائين 10 لک ماڻهو آمريڪا ۾ اکين جي مٿان ڌڪ لڳڻ جو شڪار ٿيا آهن ۽ انهن مان 75 سيڪڙو هڪ اک ضايع ڪري چڪا

اکيون دماغ جو دريون آهن، حقيقت شناسي ۾ سندن مثال نٿو ملي مگر اهڙي املهه عضوي جي جيڪڏهن صحيح سارسنڀال نه ڪئي وجي ته وقت کان اڳ ۾ انهن جي ڪارڪردگي متاثر ٿئي ٿي ۽ لاچاري ۽ معذوري کي جنم ڏئي ٿي. اهڙي تڪري ۽ بي اصولي زندگيءَ گذارڻ جي روش مان کهڙو فائدو جو نه منزل نصيب ٿئي ۽ نه دل جو سک چين ملي. الٽو اکين جي خرابي پيدا ٿي پوي ان ڪري اهو ضروري آهي ته جتي اسين پنهنجي ٻين عضون جو خيال ڪيون ٿا، اتي اکين جي حفاظت به ڪيون.


HOW CAN YOU
PREVENT
HEP C?
IF YOU SHARE YOUR DRUGS,
DON'T SHARE YOUR BLOOD
Works, sets, rigs, gizmos. Cooker, spoon, cotton, filter, water. Whatever you call them, use them safely when you inject drugs. Hepatitis C is a virus spread through blood that can cause liver disease. So go to a needle exchange or ESAP pharmacy and take care of yourself and your friends: use a new set each time you inject.

# ٿولهہ گهٽائڻ لاءِ چند مشورا:

1. گيهہ، توڙي تيل جو استعمال ٿولهہ وڌائڻ لاءِ هاڃيڪار آهي
2. ياد رکو تہ ڪن تيل (ڪُڪنگ آئل) ٺاهيندڙ ڪمپنين طرفان اها دعويٰ ڪئي ويندي آهي تہ تيل دل جي مريضن لاءِ فائديمند آهي پر تيل سان صرف ڪوليسٽرال ضابطي ۾ رهي ٿو. پر ان سان گڏ رت ۾ ٻيا سٽيا جزا وڌندا رهن ٿا.
3. ڪڏهن ۽ مٺاڻ کان پرهيز ڪريو، ڪوشش ڪري صاف سٿرو سادو پاڻي پيئو.
4. ڪوشش ڪري گوشت جو استعمال گهٽ ڪري ۽ تاندورن وارين سبزين جو استعمال وڌيڪ ڪريو.
5. نريل ۽ سٽيپ وارن کاڌن بدران اوٻاريل کاڌا استعمال ڪريو.
6. روزانو صبح جو خالي پيٽ گهٽ ۾ گهٽ اڌ ڪلاڪ تيل هلڻ جي عادت بڻايو.
7. شراب ۽ ٻين ٻُک وڌائيندڙ کاڌن کان پرهيز ڪريو.
8. گهٽ ڪيلريز وارا کاڌا اپنايو گهٽي گوشت، فاسٽ فوڊ، مرغي ۽ ٻين ڳرن کاڌن کان بچو.
9. پنڌ ڪرڻ جي عادت ڪي اپنايو سواريءَ جو استعمال گهٽ ڪريو!

**ويج هيلٿ پروموٽرز فورم**

The Largest Circulated Sindhi Monthly of Pakistan

# MONTHLY WAIJ KARACHI

A Comprehensive Family Health Magazine

وڻن ويڻن وٽ. ڪي سڪين ته سڪمو ٿيين (شاهه)

ماهوار ويج ڪراچي

سنڌي ۾ صحت بابت پهريون رسالو


## جيڪڏهن اوهان چاهيو ٿا ته:

- صحت جي سڄاڳي آڻيندڙ سنڌي ٻولي جو هي نرالو رسالو ماهوار "ويج" باقاعدگي سان اوهانجي هٿن ۾ هر مهيني پهچي.
- ٻوليءَ جي واڌاري ۽ ارتقا ۾ اوهان جو حصو شامل هجي.
- سنڌي ٻوليءَ ۾ جديد طبي اصطلاح پنهنجي جاءِ وٺندا رهن ته پوءِ
- اڄ ئي ماهوار ويج" جي ساليانى خريداري جو ڪوپن ڀري موڪليو.
- ڪوپن سان گڏ ساليانى خريداري جو چندو -/400 رپيا/ڇهه ماهي خريداري جو چندو -/200 رپيا بئنڪ ڊرافٽ مني آرڊر ذريعي موڪليو.
- ساليانى خريداري جو چندو موڪلي اوهان ماهوار ويج پنهنجي دوستن ۽ پيارن کي سڄي سال لاءِ تحفي طور به موڪلي سگهو ٿا. اسان توهان جي ڊرافٽ/عزيز کي رسالي موڪلڻ سان گڏ اهو اطلاع ڪنداسين ته رسالو ڪنهن جي پاران تحفو ٿيل آهي.
- ڪوپن ۽ بئنڪ ڊرافٽ هيٺين پتي تي موڪليو.

**سرڪيوليشن مئنيجر ماهوار ويج ڪمرو نمبر 53 پهرين ماڙ، بلاڪ اي، معين اسٽيل مارڪيٽ، باباءِ اردو روڊ ڪراچي**

**نوٽ: ساليانى فيءَ جي بدلي رسالي جي 2+12 پرچا موڪليا ويندا.**

# خريداري جو فارم

منهنجو/منهنجي دوست/عزيز جو نالو ماهوار "ويج" جي ساليانى/ڇهه ماهي خريدارن جي سٽ ۾ شامل ڪيو وڃي. مان ساليانو/ڇهه ماهي چندي جو بئنڪ ڊرافٽ ۽ پنهنجا/پنهنجي دوست/عزيز جا تفصيل هن فارم ۾ شامل ڪري موڪليان پيو.

نالو (ذات سان گڏ) : ______________________________

ائڊريس ______________________________

______________________________

شامل بئنڪ ڊرافٽ/مني آرڊر نمبر ______________________________

صحيح ______________ تاريخ ______________



پهرين مئي
محنت ڪشن جو عالمي ڏينهن
اسانجو عهد
اسانجي جدوجهد
ڪارڪنن جي
فلاح ۽ بهبود
ڪارڪنن جي فلاح ۽ بهبود لاءِ ورڪرز ويلفيئر فنڊ جون اسڪيمون
تعليم
73242 شاگرد ۽ شاگرديائيون فنڊ جي 116 اسڪولن ۾ مئٽرڪ تائين مفت تعليم حاصل ڪري رهيا آهن
سمورن اسڪولن ۾ مئٽرڪ ٽيڪ پروگرام جو اجراءَ
صحت
محنت ڪشن لاءِ صحت جي 83 اسڪيمن جي تڪميل.
وظيفا
8000 ٻارن کي ساليانو تعليمي وظيفن جي ادائگي جنهن ۾ ڪاليج/يونيورسٽي ليول تي سمورن خرچن جي فراهمي شامل آهي.
خصوصي بهبود
فوتي ورڪرز جي اهل خانه لاءِ 3 لک رپين جي ڊيٿ گرانٽ
ڌيءَ جي شادي لاءِ 70 هزار رپين جي خصوصي گرانٽ
هائوسنگ سيڪٽر
59573 گهرن ۽ فليٽس جن ۾ مزدور رهن ٿا
9249 گهر ۽ فليٽس زير تعمير آهن
فني تربيت:
فني تربيت جي ادارن ۾ هر سال 1790 شاگردن لاءِ ڊپلومه ۽ شارٽ ڪورسز
ورڪرز ويلفيئر فنڊ
Workers Welfare Fund
وزارت محنت ۽ افرادي قوت،
حڪومتِ پاڪستان